روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پھريون) اڱارو 21 فيبروري 2023ع بمطابق 29 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 269

آڊيو وڊيو ليڪس معاملو، عمران خان چيف جسٽس سميت سمورن ججن کي خط لکي ڇڏيو

خط ۾ عمران خان آڊيو ۽ وڊيو ليڪس واري معاملي تي گذريل سال آڪٽوبر ۾ داخل آئيني درخواست جي فوري ٻڌڻي جي اپيل ڪئي

گذريل ڪيئي مهينن کان شڪي ۽ اڻ تصديق ٿيل آڊيو توڙي وڊيوز جو سلسلو جاري آهي، اهي ليڪس اڳوڻين سياسي شخصيتن ۽ عام ماڻهن جي ڳالھ ٻولھ تي ٻڌل آهن: خط جو متن

منظرِ عام تي آيل آڊيوز ۽ وڊيوز غير تصديق ٿيل مواد تي ٻڌل آهن جن جي جوڙ توڙ ڪري ڊيپ فيڪ سميت ٻين جعلي طريقن سان ٺاهيو آهي

اهڙيون آڊيوز به آيون جن جي مواد مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي وزيراعظم هائوس ۽ هائوس بابت هيون، پاڪستان ۾ آئين تيار ڪرڻ دوران مختلف حقن کي آئين جو حصو بڻايو ويو

آڪٽوبر 2022ع ۾ انهن آڊيو ليڪس تي عدالت ۾ آئيني درخواست ڏني هئي، بدقسمتيءَ سان اڃا تائين اها ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ناهي ٿي، سنڌس درخواست بعد معاملن ۾ بهتري بدران حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون آهن

تازو پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ سپريم ڪورٽ جي جج جي مبينا ڳالھ ٻولھ سوشل ميڊيا تي جاري ڪئي وئي، واضح ٿي چڪو آهي هاڻي عوام معمول تحت ان ڳجهي نگراني ۽ رڪارڊنگز جو نشانو بڻجي رهيو آهي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان، هڪبٽي پليان منظر عام تي ايندڙ آڊيو ليڪس واري معاملي تي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سميت سپريم ڪورٽ جي سمورن ججن کي خط لکيو آهي، خط ۾ عمران خان آڊيو ۽ وڊيوليڪس واري معاملي تي گذريل سال آڪٽوبر ۾ داخل آئيني درخواست جي فوري ٻڌڻي جي اپيل ڪئي. درخواست ۾ سپريم ڪورٽ کان آرٽيڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پرڏيهي وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ دهشتگرد حملي جا ذميوار طالبان کي واپس آڻڻ جا خواهشمند آهن: مراد علي شاهه

اسان جي سموري قيادت ان ڳالھ تي متفق آهي ته دهشتگردن سان ڳالهيون نه ٿينديون: وڏو وزير

دهشتگرد سمورو پاڪستان ڪراس ڪري آپگهاتي جيڪيٽس ۽ هٿيارن سان ڪراچي پهتا، اسان کي پنهنجي انٽيليجنس بهتر ڪرڻي پوندي

جنهن گاڏيءَ ۾ سوار ٿي دهشتگرد پهتا اها گاڏي چئن ماڻهن وٽ وڪرو ٿي، سياسي ۽ فوجي قيادت دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ متحد آهن، شهرين کي شڪي ماڻهن تي نظر رکڻ گهرجي

ٽرانسفر نه ٿيندڙ گاڏين کي بند ڪيو ويندو، دهشتگرد ڪٿي به اچي مسواڙ تي گهر وٺن ٿا، ان کي روڪڻ لاءِ اسان ڪم ڪنداسين

وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي ۾ ڪراچي پوليس هيڊ ڪوارٽر تي حملي بابت بريفنگ ڏني

سنڌ اسيمبلي ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگردن جي حملي خلاف مذمتي ٺهراءُ منظور ڪري ورتو، شهيدن جي خاندانن سان ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار پڻ ڪيو ويو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته ڪراچي ۾ دهشتگرد حملي جا ذميوار طالبان کي واپس آڻڻ جي خواهش ظاهر ڪندڙ آهن، اسان جي سموري قيادت ان ڳالھ تي متفق آهي ته دهشتگردن سان ڳالهيون نه ٿينديون وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي ۾ ڪراچي پوليس هيڊ ڪوارٽر تي حملي بابت بريفنگ ۾ ٻڌايو ته دهشتگرد سمورو پاڪستان ڪراس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي

اليڪشن جي تاريخ ڏيڻ صدر جو اختيار ناهي: گورنر ڪي پي ڪي

اڄ سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاس آهي، انڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويندو

صدر اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 57 هڪ جي تحت چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو آهي

پشاور (م د) گورنر خيبرپختونخواهه غلام علي مملڪتي صدر عارف علوي طرفان خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب اسيمبلي جي چونڊن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو، تياريون مڪمل

گهرو وزارت جي هدايت تي ايف آءِ اي لاهور جي چار رڪني ٽيم جوڙي وئي آهي: ايف آءِ اي ذريعا

ايف آءِ اي ٽيم پهريان عمران خان کي زمان پارڪ مان گرفتار ڪرڻ جو پروگرام بڻايو

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ايف آءِ اي جي ذريعن موجب گهرو وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اليڪشن جي تاريخ جو حڪم ڏيو، پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبلي جي اسپيڪرن جو سپريم ڪورٽ سان رابطو

پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان ۽ ڪي پي اسيمبلي جي مشتاق غني سپريم ڪورٽ ۾ گڏيل درخواست ڏني

درخواست ۾ صوبائي گورنرن، اليڪشن ڪميشن ۽ مملڪتي صدر، قانون واري وزارت، پارلياماني معاملن، ڪي پي ۽ پنجاب جي حڪومتن کي ذر بڻايو ويو

اسيمبلين کي ٽٽڻ کي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي، گورنر آئين موجب چونڊن جي تاريخ جو اعلان ناهن ڪري رهيا: درخواست جو متن

اسلام آباد (م د) پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبلين جي اسپيڪرن اليڪشن جي تاريخ جي اعلان لاءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪيو آهي پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان ۽ ڪي پي اسيمبلي جي مشتاق غني سپريم ڪورٽ ۾ گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پي ٽي آءِ جا ماڻهون ليگ ۾ اچڻ لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن: مريم نواز

عمران خان خلاف ڪيس سياسي انتقام جي بنياد تي نه ٺهيا

اوير ۽ اولهه ۾ سڀ ڄاڻن ٿا ته عمران خان ٽيريان واري معاملي تي ڪوڙ ڳالهايو آهي

عوام ڄاڻي ٿو ته معاشي تباهي ۽ مهانگائي جو عذاب اڳوڻي حڪومت آندو

اسلام آباد (م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر ۽ مرڪزي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارا ن ليگ ۾ اچڻ لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن. اسلام آباد ۾ تنظيمي اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته مرجردا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهيون: آمريڪا

اِهو ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته اهڙي قسم جا واقعا بار بار ڇو ٿي رهيا آهن: خاص صلاحڪار ۽ ڪونسلر ڊيرڪ شيلٽ

اسان سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته پاڪستان دهشتگردي جي نئين لهر جو منهن ڏئي رهيو آهي

پشاور ۽ ڪراچي پوليس تي حملن تي ٿيندڙ جاچ مان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جو گهرائي سان جائزو وٺي رهيا آهيون

واشنگٽن (م د) آمريڪا دهشتگردي خلاف ويڙهه ۾ پاڪستان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اهو ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته اهڙي قسم جا واقعا بار بار ڇو ٿي رهيا آهن. پرڏيهي خابرو اداري سان ڳالهائيندي آمريڪي پرڏيهي وزارت جي خاص صلاحڪار ۽ ڪونسلر ڊيرڪ شيلٽ چيو آهي ته پاڪستان دهشتگردي جي نئين لهر منهن ڏئي رهيو آهي جنهن تي آمريڪا، پاڪستان سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي هن چيو ته اسان سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صدر ڊاڪٽر عارف علوي پنجاب ۽ خيبرپختونخوا اسيمبلين ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو

صدر اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 57 هڪ تحت 9 اپريل پنجاب ۽ ڪي پي ۾ اسيمبلين چونڊن جي تاريخ ڏني

اليڪشن ڪميشن آئين جي سيڪشن 57 ب تحت اليڪشن جو پروگرام جاري ڪري: صدر

چونڊن بابت عدالتي فورم طرفان ڪو به اسٽي آرڊر نه آهي، تنهنڪري 57 هڪ تحت اختيار جي استعمال ۾ ڪائي رنڊڪ نه آهي

آئين تحت آئين جي تحفظ جو دفاع جو حلف ورتو آهي، آئين ۽ قانون 90 ڏينهن کان وڌيڪ دير جي اجازت نٿو

اسلام آباد (م د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي پنجاب ۽ خيبرپختونخوا اسيمبلين ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو صدر عارف علوي اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 57 هڪ تحت نو اپريل آچر جي ڏينهن پنجاب ۽ ڪي پي ۾ اسيمبلين چونڊن جي تاريخ ڏني ڇڏي آهي. ان حوالي سان صدر جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن آئين جي سيڪشن 57 ب تحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان خرم جميل سيمينس هيلٿنيس جو خرم جميل ملاقات ڪري رهيو آهي

هاڻي لياقت علي خان ۽ بينظير قتل ڪيس جون ڪهاڻيون سامهون اينديون: منظور وساڻ

سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر تائين گهڻيون شيون ظاهر ٿينديون

بلاول ڀٽو زرداري ۽ مريم نواز جو مستقبل سُٺو ڏسي رهيو آهيان

ڪراچي (م د) پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ زراعت کاتي جي صوبائي صلاحڪار منظور وساڻ چيو آهي ته هلندڙ سال لياقت علي خان ۽ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان برطانيا جو هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهيو آهي

عمران خان عدالتي حدن ۾ آهي، ججَ اتي ئي حاضري قبول ڪن: شاهه محمود قريشي

عمران خان کي گاڏي مان لاهي عدالت ۾ آڻڻ ناممڪن آهي

ججن کان درخواست ٿي ڪجي ته عمران خان جي حاضري کي قبول ڪيو وڃي

عمران خان عدالت جي حدن ۾ موجود آهي، پنجاب حڪومت فول پروف سيڪيورٽي جو واعدو پورو نه ڪيو

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته عمران خان عدالت جي حدن ۾ موجود آهي، ججَ يقين ڪري وٺن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي

حڪومت ۽ عدليه ۾ ٽڪراءُ تيز، ٽن رٽائرڊ ججن کان سيڪيورٽي واپس

عمران خان هاڻي عدليه جي گهوڙي تي سوار ٿي اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: اعزاز سيد

عدالتي گهوڙي جون واڳون ڇڪڻ جو به اعليٰ سطح تي فيصلو ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جو رٽائرڊ چيف جسٽس ثاقب نثار ڏاڍي دوستن جي محفلن ۾ دعويٰ ڪري رهيو آهي ته هو عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

بائيڊن اوچتو ڪيف پهچي ويو، پيوٽن يوڪرين تي حملو ڪري غلطي ڪئي: آمريڪي صدر

آمريڪي صدر جي دوري جي موقعي تي ڪيف ۾ هوائي بمباري جا سائرن به وڳا

بائيڊن يوڪريني صدارتي محل ۾ صدر ولاديمير زيلنسڪي سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي حمايت جي خاطري ڪرائي

هڪ سال اڳ جڏهن روس يوڪرين تي حملو ڪيو هو ته پيوٽن جو خيال هو ته يوڪرين ڪمزور آهي: جو بائيڊن

بائيڊن يوڪريني صدارتي محل ۾ صدر ولاديمير زيلنسڪي سان ملاقات ڪندي

ڪيف (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن يوڪرين جي گادي واري شهر ڪيف جي اڻ اعلانيل دوري تي پهچي ويو آهي پرڏيهي خابرو اداري موجب يوڪرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

طورخم سرحد وٽ افغان فورسز جي ايف سي چيڪ پوسٽن تي فائرنگ

طورخم سرحدي لنگهه وٽ ٻه طرفي فائرنگ جو سلسلو جاري

زخمي ايف سي اهلڪار کي سي ايم ايڇ لنڊي ڪوتل منتقل ڪيو ويو

خيبر (م د) طورخم سرحد وٽ افغان فورسز طرفان ايف سي چيڪ پوسٽن تي فائرنگ ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ ايف سي اهلڪار زخمي ٿي پيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جيل ڀريو تحريڪ وڏن کان شروع ڪئي وڃي: شرجيل انعام ميمڻ

عارف علوي سنگين ڏوهن ۾ ملوث دهشتگردن جون سزائون معاف ڪيون

عارف علوي ايوان صدر جو غيرقانوني استعمال ڪري رهيو آهي، ٽائيگر فورس جي ميمبر طور ڪم ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ پي ٽي آءِ جي جيل ڀريو تحريڪ تي تبصرو ڪندي چيو ته هر نيڪ ڪم وڏن کان شروع ٿيندو آهي، نيڪي واري ڪم ۾ دير چاجي. جيل ڀريو تحريڪ ۾ سڀ کان پهريان صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ملير جيل ۾ ڀارتي سفارتي عملي جي پنهنجي قيدين سان ملاقات

ڀارتي سفارتي عملي سامونڊي حدن جي ڀڃڪڙين ۾ گرفتار ٿيل ڀارتي قيدين سان ملاقات ڪئي

ڀارتي سفارتي عملي جي ٻن ميمبرن کي گهرو وزارت جي حڪمن تي ملاقات ڪرائي وئي

ڪراچي (م د) ڪراچي جي ملير جيل ۾ ڀارتي سفارتخاني جي عملي سامونڊي حدن جي ڀڃڪڙين تي گرفتار ڪيل ڀارتي ماهيگيرن سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سيڪيورٽي بابت اهم فيصلا، سنڌ حڪومت جي بنا نمبر پليٽ واري گاڏي مالڪن کي مهلت

اوپن ٽرانسپورٽ ليٽر تي گاڏيون هلائيندڙ مالڪ هڪ هفتي ۾ گاڏيون پنهنجي نالي ڪرائين: شرجيل ميمڻ

اوپن ٽرانسپورٽ ليٽر تي گاڏيون هلائيندڙ مالڪ هڪ هفتي ۾ گاڏيون پنهنجي نالي ڪرائين

پوليس، رينجرز ۽ فورسز ۽ سيڪيورٽي گارڊن کي بنا يونيفارم جي هٿيارن جي نمائش جي اجازت ناهي

ڪراچي (م د) سنڌ حڪومت بنا نمبر پليٽ واري گاڏي مالڪن کي هڪ هفتي جي مهلت ڏني آهي. سنڌ سماءَ واري کاتي جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ بنا نمبر پليٽ واري گاڏي مالڪن کي هڪ هفتي جي مهلت ڏيندي گاڏيون پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صدر عارف علوي "آ بيل مجهي مار" وارو ڪم نه ڪري: راڻا ثناءُ الله

صدر آئين جي حدن ۾ رهي، صدر آفيس کي بليڪ ميلنگ جي اڏو نه بڻائي

عارف علوي اليڪشن ڪميشن کي غير آئيني ۽ غير قانوني حڪمن تي مجبور نٿو ڪري سگهي

اليڪشن ڪميشن توهان جو نوڪر ناهي جو جيڪو توهان چئو اهو مڃي

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته صدر عارف علوي "آ بيل مجهي مار" وارو ڪم نه ڪري. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ راڻا ثناءُ الله چيو ته صدر آئين جي حدن ۾ رهي، صدر آفيس کي بليڪ ميلنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

صدر طرفان چونڊن جو اعلان، اليڪشن ڪميشن اهم اجلاس سڏائي ورتو

اجلاس صدر طرفان چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو جائزو ورتو ويندو ترجمان

اليڪشن ڪميشن صدر طرفان ليٽر ملڻ کانپوءِ قانون پٽاندڙ فيصلو ڪندي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) صدر عارف علوي طرفان پنجاب ۽ خيبرپختونخوا اسيمبلين جي چونڊن جي تاريخ جي اعلان کانپوءِ اليڪشن ڪميشن اڄ اهم اجلاس سڏائي ورتو آهي، صدر طرفان نو اپريل تي چونڊن جي اعلان بعد اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عدالت اسد عمر ۽ علي نواز اعوان سميت نوَ جوابدارن کي سياڻي طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت دهشتگردي جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد عمر ۽ علي نواز اعوان سميت نوَ جوابدارن کي اڄ طلب ڪري ورتو. اسلام آباد جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت اليڪشن ڪميشن جي توشا خانا ڪيس جي فيصلي خلاف احتجاج تي داخل دهشتگردي واري ڪيس ۾ نوَ جوابدارن کي سياڻي طلب ڪيو آهي جنهن ۾ اسد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ڪوٽ غلام محمد: نيشنل پريس ڪلب آڏو سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد: وفاقي وزير ميان رياض حسين پيرزاده سان يو اين ايف پي اي ريپريزنٽيٽو ملاقات ڪندي

جنرل (ر) فيض حميد ۽ ثاقب نثار جون لاهور ۽ اسلام آباد ۾ اهم ملاقاتون

لاهور (م د) رٽائرڊ چيف جسٽس ثاقب نثار ۽ جنرل (ر) فيض حميد رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ به سرگرم آهن ۽ چونڊن جي تاريخ ڏيارڻ، موجوده حڪومت کي گهر پيڙو ڪرڻ ۽ نواز شريف جي واپسي روڪرائڻ لاءِ لاهور ۽ اسلام آباد ۾ اهم ملاقاتون ڪري رهيا آهن، جنهن جا ثبوت هٿ ڪيا ويا آهن، جيڪي جلد منظرعام تي آندا ويندا. ناميارو صحافي جو چوڻ آهي ته جنرل (ر) فيض /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ ۾ مهانگائي خلاف عوام ۾ انتهائي ڪاوڙ جي لهر، مختلف شهرن ۾ مظاهرا

سول سوسائٽي جي اڳواڻن شهرين صحافين پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو

غريب ماڻهن جي گهرن جا چلها مهانگائي وسامي ڇڏيا آهن: اڳواڻن جو خطاب

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندا) سنڌ ۾ مهانگائي خلاف مختلف شهرن ۾ عوام روڊن تي نڪري آيو، ماڻهن جو صبر جواب ڏيڻ لڳو، حڪومت خلاف نعرا، ڪوٽ غلام محمد نيشنل پريس ڪلب آڏو سول سوسائٽي جي اڳواڻن شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جيل ڀريو تحريڪ بابت اجلاس، پرويز خٽڪ غير حاضر

عمران خان اربع کان شروع ٿيندڙ جيل ڀريو تحريڪ بابت زوم تي اهم اجلاس ڪوٺايو

عمران خان ڪاوڙ ۾ ڪيس فون ڪئي پر پرويز خٽڪ فون اٽينڊ نه ڪئي ۽ عمران خان ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو

لاهور (م د) جيل ڀريو تحريڪ بابت اهم اجلاس مان پرويز خٽڪ غير حاضر، ٽيليفون ڪٽڻ کان به انڪار، عمران خان ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿي ويو ناميارو صحافي معظم فخر موجب گذريل ڏينهن عمران خان اربع کان شروع ٿيندڙ جيل ڀريو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪي پي او تي حملو ڪندڙ دهشتگرد پوليس وردين ۾ نه هئا: عرفان بلوچ

ڪيس ۾ تفصيل لکيا آهن ته جوابدار ڪي پي او آفيس ڪيئن پهتا، ڪي پي او ۾ ڪنهن به قسم جي سيڪيورٽي جي غفلت نظر نٿي اچي

اسان جا پوليس اهلڪار به شهيد ٿيا آهن جنهن مان خبر پئي ٿي ته هنن سخت مزاحمت ڪئي آهي

غفلت جي حوالي سان ڪا به اندرين ريت جاچ نٿي هلي، دهشتگردن جي سهولتڪارن جون گرفتاريون ٿيون آهن

ڪراچي (م د) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس ڏکڻ عرفان بلوچ چيو آهي ته ڪراچي پوليس آفيس تي حملو ڪندڙ جوابدارن کي پوليس جي وردي نه پهريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جنرل (ر) فيض جي باقيات (ن) ليگ ۽ پ پ ۾ به موجود

لاهور (م د) جنرل (ر) فيض حميد جي باقيات صرف عدليه ۾ موجود ناهي پر ن ليگ ۽ پ پ ۾ به موجود آهي. ناميارو صحافي حامد مير ٽي وي چينل تي ڳالهائيندي چيو ته جڏهن مريم نواز واري ڳالهه اسان ڪندا هئاسين ته ملڪ دشمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

هاڻوڪي حڪومت ۽ پاڪستان گڏ نٿا هلي سگهن: سراج الحق

سڄي قوم پريشان ۽ مايوس آهي، چُلهيون ٺڏيون ۽ ڪارخانا بند ٿي ويا آهن

ٻن مهينن ۾ مهانگائي ستاويهه سيڪڙو وڌي وئي آهي

ڪراچي (م د) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته بجاءِ واري وزير خواجه آصف طرفان ملڪ جي ڊيفالٽ ٿيڻ واري اعتراف ڪانپوءِ حڪمرانن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: دفاع وارو وفاقي وزير خواجه آصف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

عدالتون اسٽيبلشمينٽ جو حصو آهن، ڏاريا ڪڍڻ کان سواءِ آدمشماري کي سنڌ تسليم نه ڪندي: قانوندان

وفاقي حڪومت آدمشماري جي حوالي سان سنڌ جا خدشا ختم نه ڪيا آهن، سنڌ جو موقف ٻڌوئي نه پيو وڃي

عدالتون اسٽيبلشمينٽ جو حصو آهن، آدمشماري ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافي تي عدالتن مان انصاف ملڻ جي اميد نٿي رکي سگهجي

سنڌ جا ماڻهو عوامي مزاحمت جي ذريعي آدمشماري جي ذريعي سنڌ جي ڊيموگرافي خلاف ٿيندڙ سازش کي ناڪام بڻائين

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي ناميارن قانوندانن وقت کان اڳ ٿيندڙ نئين ڊجيٽل آدمشماري کي غير آئيني ۽ غير قانوني قرار ڏيندي چيو آهي ته وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ملڪ اندر سون جي اگهن ۾ اڏار جاري، وڌيڪ واڌ

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي في تولي اگهن ۾ واڌ ٿي وئي آهي سنڌ جي سونارڪي بازار جيولرز ايسوسي ايشن موجب سون جو في تولو اگهه پنج سئو رپيا وڌي هڪ لک ڇهانوي هزار پنج سئو رپيا ٿي ويو آهي ڏهه گرام سون جو ملهه چار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف رڪشي ڊرائيورن جو ٽڪيٽون ڪرائي انوکو احتجاج

رڪشي ڊرائيورن انوکو احتجاج ڪندي وار ڪوڙائي پنهنجون ٽڪيٽون ڪرائي ڇڏيون

پيٽرول سميت عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ واڌ جي ڪري جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي: ڊرائيور

ڪراچي (م د) ڊگهڙي تعلقي ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف رڪشي ڊرائيورن انوکو احتجاج ڪيو آهي، ڊگهڙي جي شهر نوڪوٽ ۾ پيٽرول اگهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سجاول ۾ جاتي چوڪ واسي 12 سالن جي معذر نينگري سان زيادتي خلاف احتجاج

جاتي چوڪ پرسان ستياڻي شريف جا رهواسي زيادتي جو نشانو بڻيل نينگري سان انصاف نہ ٿيو

سونو عرف مرچو شيخ ۽ ٻيا گڏريل ٽن چار مهينن کان زيادتي ڪري حوس جو نشانو بڻائيندا رهيا: الزام

نياڻي پناڻي ذهني معذور هجڻ ڪري صحيح ڳالهائي بہ نٿي سگهي، پني پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندي آهيان

سجاول (رپورٽ: ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ جاتي چوڪ واسي 12 سالن جي معذر نينگري سان مبينہ جنسي زيادتي هڻڻ خلاف وارثن جو احتجاج، انصاف جي گهر. سجاول لڳ جاتي چوڪ پرسان ستياڻي شريف جا رهواسي زيادتي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سجاول: نينگري وارثن سان گڏ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

پيري ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو آزار، ڪان
وڏيڪ عطائي ڊاڪٽرن ڪلينڪون
قائم ڪري ڇڏيون

ڪراچي (رپورٽ) پيري ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو آزار، علائقي ۾ 50 کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽرن ڪلينڪون قائم ڪري ڇڏيون . هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ڪامورا منتلي وٺڻ لڳ . مليرپيري نيوالله بخش حمائتي ڳوٺ جي رهواسي خير محمد لاشاري جي 7 ورهين جي معصوم نياڻي شاهينہ عطائي ڊاڪٽر جي غلط علاج ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل 10 سالن جي نينگر جي وڇوڙي جي سوڳ ۾ ڪدڙي فقير دم ڏنو

نينگر ذيشان ميمڻ جي جدائي ۽ صدمي ۾ انتها محبت ڪندڙ ڪدڙو "گوگي" فقير لاڏاڻو ڪري ويو

گوگي" مرڻ اڳ فوتي نينگر جي ايثال ثواب لاءِ پنهنجي خرچ سان برياني جي ديگ ٺهرائي نياز لنگر ڪئي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) مٿان سمجهين محبت مري وئي آهه..!!! ڏڙو ٺٽو روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل 10 سالن جي نينگر ذيشان ميمڻ جي جدائي ۽ صدمي ۾ سالس بي انتها محبت ڪندڙ ڪدڙو "گوگي" فقير لڙڪ لاڙيندي فوت. ڪدڙي فقير "گوگي" مرڻ اڳ فوتي نينگر جي ايثال ثواب لاءِ پنهنجي خرچ سان برياني جي ديگ ٺهرائي نياز لنگر ڪئي. بعد ۾ نينگر جي جدائي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بهار فائونڊيشن ۽ ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران هوميو پيٿي ميڊيڪل ڪيمپ

منهنجي امڻ پبلڪ لائبريري ۾ فري هوميو پيٿي ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽر مسعود خان، ڊاڪٽر عظم هاشمي، ڊاڪٽر رمشا، ڊاڪٽر شبير راڄپر پاران چيڪ اپ

کنگهہ نزلي زڪام ۽ جنرل ڪمزوري سميت سوين مريضن کي مفت دوائون فراهم ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهوار) بهار فائونڊيشن ۽ ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ڏٿي بخش بروهي ڳوٺ ۾ قائم منهنجي امڻ پبلڪ لائبريري ۾ هڪ ڏينهن جو فري هوميو پيٿي ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ هوميو پيٿڪ جي ماهر ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي جنهن ۾ ڊاڪٽر عمران خان، ڊاڪٽر مسعود خان، ڊاڪٽر عظم هاشمي، ڊاڪٽر رمشا، ڊاڪٽر شبير راڄپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين پرسان ڪوسڪي روڊ تي
ٽريڪٽر ٽرالي جي گڏهہ گاڏي کي
ٽڪر ۾ پيرسن فوت

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين پرسان ڪوسڪي روڊ تي ٽريڪٽر ٽرالي جي گڏهہ گاڏي کي ٽڪر ۾ پيرسن فوت تفصيل موجب بدين ڪوسڪي مني روڊ تي حاجي سومار ابڙو بس اسٽاپ وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ڪاٽيون وڪرو ڪندڙ پوڙهيت جي گڏهہ گاڏي جي مٿان چڙهي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 60 ورهين جو پيرسن عطا محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: بهار فائونڊيشن ۽ ايچ ويلفيئر جي ٽيم جو گروپ فوٽو ٻئي پاسي ڊاڪٽرن مريضن کي تپاسي علاج ڏيندي

سول اسپتال دادو ۾ سهولتن جي اڻهوند سبب روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل پيرسن فوت

ٽاٽي بي سيڪشن حد حد ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ پيرسن مرڻينگ، اسپتال نيو ويو

ايڌي پاران لاش لاوارث ڄاڻائي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري مقامي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو

ميگا اسپتال 12 سال گذري وڃڻ باوجود اڃان تائين سياست جي ور چڙهيل آهي: ساجاهہ وند

دادو (ن سنڌيار) سول اسپتال دادو ۾ سهولتن جي اڻهوند ڪري روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل پيرسن فوت: تفصيل موجب دادو شهر جي بائي پاس روڊ تي ٽاٽي بي سيڪشن حد حد ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ پيرسن مرڻينگ زخمي ٿيل پيرسن کي بي سيڪشن پوليس سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو جتي زخمي ٿيل پيرسن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي نہ وري ڪو وارث اسپتال پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

چتو چنڊ ۾ هيجب جاڪرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، ڪهاڙيون لڳڻ ڪري 3 ڄڻا زخمي

جهيڙي ۾ صفر امين ۽ يامين سخت زخمي ٿي پيا، زخمين کي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو

حد جي پوليس وٽ رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ اچي ناهي سگهي آهي

ترڪش ڪالوني وٽ معصوم نياڻي سوميہ سومرو ڌيءُ شڪيل سومرو روڊ حادثي ۾ فوت ٿي پئي

ٺٽو (ڊ ر) چتو چنڊ ۾ هيجب جاڪرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري 3 ڄڻا صفر، امين ۽ يامين سخت زخمي ٿي پيا، زخمين کي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو، جتان ٻن سخت زخمين کي نازڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: چتو چنڊ ۾ هيجب جاڪرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيندڙ جهيڙي خلاف متاثر احتجاج ڪندي

لڪي غلام شاهہ ويجهو رستم ٽاٽي جي حد ۾ پراڻي ڪارنهن تڪرار تان 2 ڀائر قتل

هٿيار بندن جي رٽائرڊ فوجي غلام شبير مهر جي گهر تي ڪاهہ گوليون هڻي ٻن ڀائرن کي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس طرفان مؤقف ڏيڻ کان انڪار سماجي اڳواڻ مهناز مهر ۽ ٻين پاران واقعي جي مذمت، سوڳ ۾ شهر بند

معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ تيار هئاسين ۽ ميڙمنٽ قافلو بہ ڪري ويا هئاسين تہ ڳالهيون ڪيون وڃن: مهناز مهر

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ويجهو هٿيار بندن جو گهر تي حملو، فائرنگ، 2 سڳا ڀائر قتل، هڪ زخمي، تفصيل موجب شڪارپور ويجهو رستم ٽاٽي جي حد ۾ ڪارنهن جي ڪڏي رسم تان هٿيار بندن جو گهر مٿان حملو 2 سڳا ڀائر عورتن * ٻارڙن سامهون گوليون هڻي قتل ڪيا ويا ۽ هڪ ڀاءُ کي زخمي ڪري ڇڏيو، 6 کان وڌيڪ هٿيار بندن رستم ٽاٽي جي حد رستم شهر ۾ رات جو دير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

چيزوي انٽرنيشنل آرگنائيزيشن پاران يونين ڪائونسل ڪاهي ممن ۾ هائيجين ڪٽس تقسيم

آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ماجد علي ميمڻ اخلاق احمد، فرحان پهنور، ميڊم صبا پاران شرڪت

سماجي اڳواڻن اعجاز ممنائي منير ميمڻ، خادم حسين ميمڻ غلام عباس سولنگي شرڪت ڪئي

گهر ٺاهڻ ۽ پاڻي فلٽر ڪرڻ واري ڪم جي سروي پڻ ٿي رهي آهي جلد ڪم شروع ڪيو ويندو: اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) چيزوي انٽرنيشنل آرگنائيزيشن پاران يونين ڪائونسل ڪاهي ممن جي 300 مستحق مائهن ۾ هائيجين ڪٽس ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري جنهن جي اڳواڻي آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ماجد علي ميمڻ اخلاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز: سماجي تنظيم طرفان 300 مستحق مائهن ۾ سامان ورهايو پيو وڃي

ناليواري گلوڪاره صنم ماروي 30 سالن کانپوءِ جنم يومي پهچڻ تي شاندار استقبال

مان پنهنجي جنم يومي ۾ 30 سالن کانپوءِ پهتي آهيان منهنجي دل باغ بهار ٿي آهي: صنم ماروي

مائهن جون هر هنڌ محبتون ۽ ڪيل گلن جي ورڪا سان استقبال ارادن کي اڃا وڌيڪ مضبوط بڻائي ڇڏيو

وڏيرو علي اصغر سولنگي، پتنگ تيوٽو، سڏير ميرالي، سيد حسن شاهہ صوفياڻي، ۽ ٻين پاران استقبال ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پاڪستان جي وڏي ناليواري گلوڪاره صنم ماروي 30 سالن کانپوءِ پنهنجي جنم يومي پهچڻ تي گلن جي ورڪا سان استقبال. مورو پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ مان پنهنجي جنم يومي ۾ 30 سالن کانپوءِ پهتي آهيان منهنجي دل باغ بهار ٿي آهي ۽ هتي پهچي موکي دلي سڪون مليو آهي، موري جي مائهن جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سنڌي ادبي سنگت شاخ بچل مهر جو جوائنٽ سيڪريٽري محمد رمضان سولنگي فوت

ڪهاڻيڪار اداڪار سائل محمد رمضان سولنگي ڪجهہ وقت بيمار رهڻ کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو

آخري رسمن ۾ اديبن، سگهڙن، فنڪارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ٻيار جي جنگ ۾ اداڪاري ڪئي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) سنڌي فلمن جو اداڪار ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ بچل مهر جو جوائنٽ سيڪريٽري شاعر، اديب، ڪهاڻيڪار اداڪار سائل محمد رمضان سولنگي ڪجهہ وقت بيمار رهڻ کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ميان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڊائريڪٽر آپريشنز پي ڊي ايم اي امداد حسين صديقي نوشهروفيروز پهتو

مختلف هنڌن تي سيلاب جي پاڻي جي نيڪاسي جي انتظامن لاءِ نوشهروفيروز پهتو

پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ ايريگيشن امحمد احمد ميمڻ، ايڪسين آبپاشي شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) هائي ڪورٽ سکر بينچ جي هدايتن تي ڊائريڪٽر آپريشنز پي ڊي ايم اي امداد حسين صديقي ضلعي نوشهروفيروز جي مختلف هنڌن تي بارش ۽ سيلاب جي پاڻي جي نيڪاسي جي انتظامن لاءِ نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: ڊائريڪٽر آپريشنز پي ڊي ايم اي امداد حسين صديقي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

غوثپور ويجهو دراني مهر ٽاڻي جي حد ۾ ايس ايس پي جي هدايتن تي بکتر بند گاڏين سان آپريشن

مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري بکتر بند گاڏين سان ڳوٺ پيارو سبزوئي ۾ سرچ آپريشن ڪيو ويو

ڌوهارين پاران پوليس جي گاڏين مٿان راڪيٽ لانچرن جا گولا بہ فائر ڪيا ويا آهن پر جاني نقصان نہ ٿيو

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوثپور ويجهو دراني مهر ٽاڻي جي حد ۾ ايس ايس پي ڪشمور عرفان علي سمون جي هدايتن تي ڪشمور ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽي ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي مهم جي سلسلي ۾ ريلي

شاخ مڪلي ۽ طرفان مرڪزي پريس ترجمان رمضان ميمڻ جي اڳواڻي ۾ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

چيئرمين صادق لاڪي، مزاحمتي شاعر مارو خشڪ شاخ مڪلي جي سيڪريٽري سنڌو سنڌي جي شرڪت

ٺٽو (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي مهم جي سلسلي ۾ مڪلي ۽ جي تاريخي ماڳ تي سنڌي ادبي سنگت شاخ مڪلي ۽ طرفان مرڪزي پريس ترجمان رمضان ميمڻ جي اڳواڻي ۾ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌي ادبي سنگت شاخ بچل مهر پاران سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيو ريلي

ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر ٽگڙ، سيڪريٽر شاخ مير حسن مهر، سودل مهر پاران مظاهرو

فوري طور تي اسيمبليءَ مان قانون سازي ڪرائي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارايو وڃي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ بچل مهر پاران سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيو ريلي ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر ٽگڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوشهروفيروز جي ڳوٺاڻي جوڙي پيار جو پرڻو ڪري ورتو، تحفظ جي گهر

حاجي محمد خان پنهور جي رهواسي سرفراز علي ڳوٺ رهواسڻ سان شادي ڪئي

منهنجا مائٽ وري ڪنهن ٻئي هنڌ شادي ڪرائڻ پئي چاهي: ناري جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز جي ڳوٺاڻي جوڙي پيار جو پرڻو ڪري ورتو. ڳوٺ حاجي محمد خان پنهور جي رهواسي سرفراز علي ڳوٺ ڪوڙيجا پاڻ جي رهواسڻ سان نوشهروفيروز جي جسٽس آف پيس جي عدالت ۾ پرڻو ڪرڻ بعد ناري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خيرپور ناٿن شاهہ ۾ نيو آباد، شاهہ لطيف ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڊگري ڪاليج جي ڪلارڪ عبدالخالق لغاري، عابد لغاري، سرفراز لغاري ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

اٺ ڏينهن اڳ گهر مان چور هڪ بيٽري، ٽي ٽچ موبائل اي ٽي ايم ڪارڊ ۽ روڪ رقم چوري ٿي: مظاهرين

خيرپور ناٿن شاهہ (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهہ ۾ نيو آباد، شاهہ لطيف ڪالوني جي رهواسي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جي ڪلارڪ عبدالخالق لغاري، عابد لغاري، سرفراز لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گيٽ اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

خيرپور ناٿن شاهہ: پوليس جي ناجائزين خلاف اڳواڻ مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڪراچي پوليس تي حملي ۾ شهيد اهلڪار عبداللطيف پيٽو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ايس ايس پي شڪارپور، ريجنرز جي آفيسرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پيٽا پيش

پنهنجي سوگوار پونئرن ۾ ماءُ، زال، هڪ پٽ ۽ 6 ڌيئرون ڇڏيا آهن، ساجاهہ وندن پاران تعزيت هلندڙ

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) ڪراچي KPO آفيس ۾ دهشتگردن سان مقابلي دوران شهيد ٿيل شڪارپور واسي پوليس اهلڪار عبداللطيف پٽر جو مڙهہ شڪارپور پهچايو ويو جنهن جي جنازي نماز پٽا ٻازي ۾ ادا ڪرڻ بعد ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ميونسپل ڪميٽي بدين جي عملي طرفان مشينري نہ ٺهرائڻ خلاف ڪم ڇڏ هڙتال

صفائي واري عملي طرفان ڪچرو کڻندڙ ٽريڪٽر ٽرالين لوڊر رڪشا ۽ هٿ ٽرالين جي مرمت لاءِ احتجاج

ميونسپل ڪميٽي جي اڳيان ڪم ڇڏ هڙتال ڪري انتظاميا جي نااهلي جي خلاف سخت نعري بازي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ميونسپل ڪميٽي بدين جي عملي طرفان مشينري نہ ٺهرائڻ ۽ ٻين مطالبن جي حق ۾ ڪم ڇڏ هڙتال شهر گندگي ۾ ٻڏل انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل تفصيل موجب ميونسپل ڪميٽي بدين جي صفائي واري عملي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر خالد عزيز جتوئي کي ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو

اڳواڻ موتمار ڌمڪين خلاف گهارو جي شهرين ۽ صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هيسائڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪري حق سچ جو آواز دٻائڻ لاءِ ڌمڪايو ٿو وڃي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهوار) نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر خالد عزيز جتوئي کي اسملگرن ۽ منشيات فروش پاران موتمار ڌمڪيون ملڻ ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ڪراچي جي صحافين پاران گهارو پريس ڪلب پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي: نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر خالد عزيز جتوئي کي ڌمڪين خلاف اڳواڻ گڏجاڻي ڪندي

شهدادپور ۾ شيراز لاکو تي ٿيل تشدد خلاف نوشهرو فيروز جي وڪيلن پاران احتجاج

سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لهراڻي جي اڳواڻي ۾ وڪيلن مظاهرو ڪيو

مشتاق حسين -عمرالدين پنهور راڻا عبدالجبار -شير محمد اڄڻ جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي

شهدادپور جي وڪيل شيراز لاکو تي ٿيل تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) شهدادپور ۾ شيراز لاکو تي ٿيل تشدد خلاف نوشهرو فيروز بار ڪائونسل وڪيلن پاران ڊسٽرڪٽ بار جي ڪم بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لهراڻي ڪائونسل اياز حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: شيراز لاکو تي ٿيل تشدد خلاف وڪيل احتجاج ڪندي

ڪاليجز نان ٽيچنگ ويلفيئر
ايسوسيئيشن دادو پاران
احتجاجي مظاهرو

دادو (ن سنڌيار) سنڌ ڪاليجز نان ٽيچنگ ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلع دادو جي سڏ تي ڪاليج جي ملازمن پاران عرفان راجپوت ليبارٽري اسسٽنٽ جي غير قانوني طور بدلي ۽ ريليو ڪرڻ خلاف گرلس ڪاليج دادو جي مين گيٽ تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيوان موقعي تي اڳواڻ ظاهر علي لنڊ، عرفان راجپوت، فيصل احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽکرانو جا عطائي ڊاڪٽرن قانون کا ڏاڍا نڪتا، تالا ٽوڙي ويهي رهيا، اختياريون خاموش

حڪم باوجود صحت کاتو سيڪڙات عطائي ڊاڪٽرن خلاف موثر ڪاروائي ڪرڻ کان لنوائڻ لڳو

30 کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون ميڊيڪل اسٽور ۽ غير قانوني ليبارٽريون کليل آهن

ٽکرانو (ن سنڌيار) ٽکرانو جا عطائي ڊاڪٽر قانون کا ڏاڍا نڪتا هيلٿ ڪيئر ڪميشن سکر جي ٽيم پاران سيل ڪيل اسپتالن جا بغير اجازت تامي جي تالا ٽوڙي ويهي رهيا عدالت جي حڪم باوجود صحت کاتو سيڪڙات عطائي ڊاڪٽرن خلاف موثر ڪاروائي ڪرڻ کان لنوائڻ لڳو شهر جي مختلف هنڌن تي 30 کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون ميڊيڪل اسٽور ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ورثي اگهمر ڪوٽ ۾ مجلس عزا ۽ ماتم داري جو پروگرام

امام موسي ڪاظم عليہ وسلم جن جي شهادت جي مجلس عزا ۽ ماتم داري جو ساليانو پروگرام ٿيو

سنڌ ڌرتي کي علي وارن جي ڌرتي چئجي تہ غلط نہ ٿيندو، سيده خديجہ المعروف بيبي ماهم جي مزار آهي

بي بي ماهم جي مزار تي ڪم ڪرائيندا سون ۽ عارضي طور تي وڌيڪ ملازم پڻ ڀرتي ڪنداسون: علامہ طلال حسين

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ورثي اگهمر ڪوٽ ۾ مدفون بي بي ماهم الله عليہ سلام جي مزار جي آڏو حضرت امام موسي ڪاظم عليہ وسلم جن جي شهادت جي سلسلي مجلس عزا ۽ ماتم داري جو ساليانو پروگرام برپا ٿيو جيڪو صبح کان شام تائين جاري رهيو جنهن ۾ مشهور نوحاخوان سيد علي رضا شاهہ امام سگهورن جي شان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي
سرواڻ قادر چانڊيو جي حڪم تي
مهانگائي خلاف احتجاج

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي سرواڻ قادر چانڊيو جي حڪم تي وڌندڙ مهانگائي خلاف ملير ڪاڻوڙ نيشنل هاءِ وي لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي ڪارڪنن سميت وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت احتجاج ڪندڙن وڌندڙ مهانگائي ناهلي حڪمرانن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گلاب لغاري: امام موسي ڪاظم عليہ وسلم جن جي شهادت جي مجلس عزا ۽ ماتم داري جو ساليانو پروگرام ٿي گذريو

لاکڙا ڪول ۾ لوڊنگ مزدوري تان کوسا برادري جي ٻن مزدور ڌرين ۾ جهيڙو، 10 ڄڻا زخمي

لاکڙا ڪول مائنز جي امين ڪوئلا ڪمپني ۾ لوڊنگ مزدوري جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو

سروٽن لوهي سرهئي لٺين جو آزادانہ استعمال سبب ٻنهي ڌرين جا 10 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

پوليس هنڌ پهچي ڌرين کي ڇڏائي زخمين کي ليٽر ڏئي تعلقہ اسپتال مانجهند منتقل ڪيو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) لاکڙا ڪول ۾ لوڊنگ مزدوري تان کوسا برادري جي ٻن مزدور ڌرين ۾ جهيڙو سروٽن لوهي سرهين سان حملي ۾ 10 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب لاکڙا ڪول مائنز جي امين ڪوئلا ڪمپني ۾ لوڊنگ مزدوري جي معاملي تان کوسا برادري جي ٻن ڌرين جي مزدورن ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ سروٽن لوهي سرهئي لٺين جو آزادانہ استعمال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سجاول ۾ اين ٽي ايس پاس 2013 جي اميدوارن پاران آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاج

اين ٽي ايس پاس 2013 جي اميدوارن ڪيمون مل، عباس لوهار، چترو مل پاران مظاهرو ڪيو ويو

الابخش شيخ، خدابخش، حفيظ خليفو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو

اسين ڪي چور ڌاڙيل نہ آهيون پر پاڪستان جا پڙهيا لکيا باشعور ۽ پرامن شهري آهيون: مظاهرين جون دانهون

سجاول: اين ٽي ايس جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سجاول (رپورٽ: ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ اين ٽي ايس پاس 2013 جي اميدوارن پاران آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج، ڌرڻو سجاول ۾ اين ٽي ايس پاس 2013 جي اميدوارن ڪيمون مل، عباس لوهار، چترو مل، ديدار خواجا، امر ڪمار، مولچند، گلزار هارڻ، حميد جاڪرو، الابخش شيخ، خدابخش، حفيظ خليفو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو ۽ سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو تہ تعليم دشمن پاليسيون جوڙي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو ويو آهي 2013 ۾ اين ٽي ايس جهڙي ساکائتي اداري مان ماستري جي ڀرتي لاءِ ٽيسٽ پاس ڪري 60 کان 90 پلس تائين اسڪور حاصل ڪيو آهي ليڪن 9 سال گذرڻ جي باوجود بہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور ۾ بيروزگاري مهانگائي ۽ بينظير انڪم سپورٽ جي قسط نہ ملڻ خلاف احتجاج

قسط نہ ملڻ ۽ نئين ڪارڊ جي سروري نہ ٿيڻ خلاف عورتن پاران بينظير پارڪ ٻاهران مظاهرو

انڪم سپورٽ جي قسط نہ ملڻ ۽ نئين سروي نہ ٿيڻ خلاف عورتن پاران روڊ بلاڪ ڪيو ويو

مسمات منظوره، مسمات ميرزادي، مسمات زينہ، مسمات ماروي ميڊيا آڏو احتجاج رڪارڊ ڪرايو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) بيروزگاري مهانگائي ۽ بينظير انڪم سپورٽ جي قسط نہ ملڻ ۽ نئين ڪارڊ جي سروري نہ ٿيڻ خلاف عورتن پاران بينظير پارڪ جي ٻاهران احتجاج ڪيو ويو، شڪارپور ڪان ٻاهر ويندڙ روڊ بلاڪ ڪيو ويو سڄي سنڌ جيان شڪارپور ضلعي ۾ بہ مهانگائي بيروزگاري ۽ بينظير انڪم سپورٽ جي قسط نہ ملڻ ۽ نئين سروي نہ ٿيڻ خلاف عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو اين ٽي ايس پاس 2013 جي اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو علامتي بک هڙتال

تعليم دشمن پاليسيون جوڙي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو ويو آهي: منور سيال جاويد لغاري

اشتهار جاري ڪيو ويو تہ 20000 پرائمري، جونئير ۽ هاءِ اسڪول ماستر ڀرتي ڪيا ويندا

14 جون تي سردار شاهہ سان مذاڪرات ٿيا نوٽيفڪيشن نڪتا ڪاميٽيون مقرر ڪيون ويون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) اين ٽي ايس پاس 2013 جي اميدوارن جو مرڪزي صدر حبيب سنڌي ۽ مرڪز اين ٽي ايس پاس تحريڪ جي سڏ تي دادو پريس ڪلب تي علامتي بک هڙتال، احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪندي جنهن ۾ منور سيال جاويد لغاري منير پنهور امجد سولنگي ڪامران سومرو مظاهرين جو چوڻ هو تہ تعليم دشمن پاليسيون جوڙي تعليم جو ٻيڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو: اين ٽي ايس جي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

اڳوٽي تخت گاهہ روپا ماڙي تي شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن پاران چوٿون يوم تاسيس

مشاعرو ادبي ڪانفرنس ٿي، سنڌي ادبي سنگت جي جنرل سيڪريٽري تاج جويو شرڪت ڪئي

آڪاش خاناڻي سليمان سومرو محمد حنيف سومرو پريس ڪلب ڪيڻ جي صدر ظفر حسين خواجا جي شرڪت

سومرا دور جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي چو تہ سمن ميرن ڪلهوڙن جي تاريخ تي ڪم ٿيو: اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ جي اڳوٽي تخت گاهہ روپا ماڙي تي شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن پاران چوٿون يوم تاسيس ۽ جشن دودو سومرو ملهايو ويو انهي موقعي تي مشاعرو ادبي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي جنرل سيڪريٽري تاج جويو جئي سنڌ محاذ جي وائس چيئرمين سيد نواز شاهہ پاڏائي ڊاڪٽر آڪاش انصاري پروفيسر طفيل احمد چانڊيو ابوبڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 21 فيبروري 2023ع

قاتل بڻجي ويل بجلي جو ترسيلي نظام

بجلي جي فراهمي ۽ ترسيل حڪومت جو فرض ۽ ان جو استعمال ۽ ان مان فائدو کڻڻ عوام جو حق آهي. جديد دنيا جي تشريح ۾ ته هاڻ بجلي جي فراهمي بنيادي انساني حق بڻجي ويو آهي. پر جيڪڏهن اهوئي حق عوام جون حياتيون کسڻ لڳي سو به انتظاميا جي بيحسي ۽ حڪومت جي لاپرواهي جي ڪري ته پوءِ اهڙي لاپرواهي کي قتل جو منصوبو ۽ واقعي ۾ ويندڙ حياتين کي قتل نه سڏجي ته ڇا سڏجي؟ ڪراچيءَ ڏينهن ۾ هونئن آهي جو سنڌ ۾ اهڙا واقعا رپورٽ نه ٿيندا هجن ته بجلي جي ڪريل تارن مان ڪرنٽ لڳڻ ڪري يا انهن تارن ۾ وچڙي ماڻهو حياتيون وڃائي ويهن ٿا يا وري ڪي ماڻهو پنهنجي عضون کان محروم ٿي باقي سڄي زندگي مجبور ٿي گذاريندا آهن. رڳو ڪالهه واري پنهنجي اخبار ۾ ئي اهڙا ٻه واقعا رپورٽ ٿيا آهن جن ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو آهي ۽ 3 سخت زخمي ٿيا آهن. اهو پهريون واقعو مورو ويجهو ڳوٺ محمد بخش لغاري ٺمرو ۾ پيش آيو جتي راند ڪندڙ معصوم ٻارڙا بجلي جي جهڪيل تار ۾ وچڙي پيا، جنهن ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب نينگري جانان ڌيءَ زاهد سولنگي ٽڏي تي فوت ٿي وئي، جڏهن ته 8 سالن جي عليزا ڌيءَ علي غلام اسپتال نيندي رستي ۾ دم ڏٽي. ڪرنٽ لڳڻ سبب 3 ٻارڙا ايان علي ۽ ناياب ڌيءَ اياز سولنگي سڙي زخمي ٿي پيا. وارثن جو چوڻ هو ته ٻارڙن گهر ۾ راند پئي ڪئي، جنهن دوران ڇت تي هڪ نينگري چڙهي جيڪا بجلي جي ڪيل تار ۾ ڦاسي پئي، جنهن کي ڇڏائڻ ويا ٻارڙا جيڪي پڻ ڦاسي پيا ۽ ڪين ڪرنٽ لڳي فوتي ٻارڙن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ٻيو واقعو سيوهڻ ويجهو هن واهه جي بند تي پيش آيو جتي ٽريڪ وٽ 15 سالن جو نينگر بجلي جي هيٺ ڪريل 11 هزار وولٽ تار ۾ ڦاسي سڙي فوت ٿي ويو. فوتي نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوتي نوجوان جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، فوتي جو لاش سيوهڻ انسٽيٽيوٽ جي مرده خاني ۾ رکيو ويو آهي.

ان باري ۾ هڪ حقيقت اها آهي ته اسان جي سنڌ ۾ جيڪو بجلي جو سسٽم آهي اهو ڪيترائي ڏهاڪا پراڻو آهي. هڪ ڀيرو جيئن ئي ٽرانسميشن لائنون لڳي ويون آهن ته وري ان جي مرمت نه ٿي آهي. اهي تارون هيٺ جهڪي ويون آهن. بجلي جا ٿنيا ڪري پيا آهن ۽ ڪيترين ئي جاين تي بجلي جون تارون ٿنين بدران ڪاٺين ۽ وڻن تي لڳل آهن. عوام ڪيترائي ڀيرا بجلي ڪمپنين کي ۽ حڪومتن کي دانهون ڏنيون آهن ته تارون حياتيون کسي سگهن ٿيون پر انهن شڪايتن جو ڪو به ازالو نه ٿيو آهي. حڪومتن ۽ انتظامي عملدارن جي ان بيحسي جي ڪري حياتيون کسجي رهيون آهن. ميڊيا ته ان باري ۾ آواز اٿاري رهي آهي پر انهن خبرن جو نوٽيس وٺڻ وارو ڪو به نه آهي. اسان جي حڪومت، واپڊا، حيسڪو سيپڪو ڪي اليڪٽرڪ ۽ ٻين بجلي ڪمپنين کي گذارش آهي ته جيڪڏهن توهان بجلي فراهم ڪري رهيا آهيو ته ماڻهن جون حياتيون بچائڻ لاءِ بجلي جي تارن کي به آبادين کان خاص طور تي 11 هزار ۽ ٻي هاءِ ٽينشن لائنن کي آبادي کان تمام گهٽ پري رکو ته جيئن ماڻهو ۽ جاندار بچي سگهن. عوام کي به گذارش آهي ته پنهنجي گهرن جي تارن کي به چڪاسيندا رهن. ٻارن کي بجلي جي تارن کان پري رهڻ جي تربيت به فراهم ڪن ته جيئن هو بهتر زندگي گذاري سگهن.

21فيبروري ٻولين جو عالمي ڏينهن

سنڌي ٻولي قومي ٻولي مڃرائڻ ۾ سنڌي اديبن جو ڪردار

مظهر خاصخيلي

اڄ مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن 21 فيبروري تي هر سال سڄي دنيا ۾ ملهايو وڃي ٿو هن ڏينهن ملهائڻ جو بنيادي مقصد پنهنجي جيجل جي جهولي ۾ مليل لولي واري ٻولي جنهن کي هر ماڻهو پنهنجي مادري ٻولي چوندو آهي. جيڪا اک کولڻ وقت سڀ کان پهريان سندس ڪنن ۾ جيڪي لفظ گهڻنجندا آهن اها پوءِ ڪهڙي به زبان هجي اها ان فرد جي ماءُ جي ٻولي جنهن کي هر ماڻهو پنهنجي مادري ٻولي چوندو آهي. ان ٻوليءَ ۽ زبان کي هٿي ڏيارڻ، ترقي وٺرائڻ هر ڪنهن جي خواهش ۽ دلي شوق هوندو آهي. ۽ ائين سنڌ اندر ۽ پوري دنيان ۾ رهندڙ ڪروڙين سنڌي پنهنجي ٻولي سان اهڙو پيار پريت ڪن ٿا جن جي دل جي خواهش ۽ تمنا آ ته سنڌ اندر سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ملڻ گهرجي ۽ اڄ 21 فيبروري جو ڏينهن جنهن کي يونيسڪو طرفان ملهائڻ جي شروعات 17 نومبر 1999ع کان ڪئي وئي، جنهن کي باقاعده طور گڏيل قومن جي اداري طرفان سال 2008ع ۾ هڪ قرارداد ذريعي اجاگر ڪيو ويو. مادري ٻولين جو ڏهاڙو ملهائڻ جي پهريون خيال بنگلاديش مان جنم ورتو، جيڪو هر سال 21 فيبروريءَ تي ان ياد جي سلسلي ۾ ملهايو ويندو آهي. جڏهن بنگالين، پنهنجي ٻولي بنگالي کي مڃتا ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي هئي. ان کان اڳ ۽ هن وقت تائين سنڌ ۾ سنڌ جي اديبن سنڌي ادبي سنگت جي شاخن پاران هر سال سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم هلائي وڃي ٿي ۽ وقت جي حڪمرانن جو ڌيان مادري ٻولين ڏانهن ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. باقي جيڪڏهن تاريخ جا ورق اٿلائي پڙهبا ته برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ جڏهن پاڪستان اندر ٻولين جو مسئلو اڀريو ته انهيءَ عرصي ۾ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي اديبن تعليمي ماهرن، شاعرن، ليکڪن سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ اٿي به اٿي پيا تڏهن ڪجهه ڪانگريسي اڳواڻ ۽ اديب سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي لپيءَ بدران ان کي ديوناگري روپ ڏيڻ لاءِ سندرو ٻڌي ويهي رهيا. جڏهن اهڙي خبر ٻهاري لال ڇاپيا کي پئي ته ان سنڌ جي نامور اديب گوبند مالهيءَ سان گڏ بمبيءَ ۾ رٿيل ميٽنگ ۾ وڃي پهتا اتي هنن لاءِ هي آواز آيو ته هنن پنهي شرارتي نوجوانن کي ڪنهن گهرايو آهي؟ ان تي مالهيءَ به اجلاس ۾ موجود يارنهن ڄڻن کي چئي ڏنو ته يارنهن ڄڻن کي تيرنهن لک سنڌين جي ٻولي بدلائڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟. 1949ع جنوريءَ ۾ ادبي ڪلاسن کي جماعتي روپ ڏيندي سنڌي ٻوليءَ جي عاشقن ۽ اديبن "نئون ساهت منڊل" جوڙي منگهارام ملڪاڻي کي صدر ۽ گوبند مالهي کي سيڪريٽري جنرل ڪري چونڊيو ويو. ان دور ۾ آسن اتم چنداڻي (اي جي اتم) به ساهت منڊل جو سهارو بڻيو. انڪري اتم، ڪيرت ۽ مالهي تموري کي ترقي پسند ليکڪن جي مڃتا ملي. ان وچ ۾ "سنڌ ساهت سڀا" به جوڙي وئي ان جون ذميواريون ب مالهيءَ جي حوالي ڪيون ويون. پرهن کان اڳي 1948ع ۾ ديوناگري لپيءَ جي چوٽيهه حمايتن ان جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو هو. جنهن ۾ مالهي شريڪ ٿيڻ کان اهيو چئي انڪار ڪيو هو ته سڀ کان وڏو سوال سنڌي ٻوليءَ جي بقا جو آهي. ان کان پهريان پارٽي آئين ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريو وڃي ان کان پوءِ ٻيون ڳالهيون ڪيون وينديون. پرانهيءَ جي باوجود 9 مارچ 1950ع تي تعليم کاتي پاران سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ وارو حڪم ناموجاري ڪرايو ويو. 1950ع ۾ جڏهن پارٽي آئين ظاهر ڪيو ويو ته سنڌي ٻوليءَ کي انهيءَ سبب جي ڪري شديد ڌڪو رسيو. آئين جي ائين شيڊول ۾ (سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ) چوڏنهن ٻولين کي شامل ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ سان هيڏي وڏي بي رخي تي سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، اديبن، ساهتڪارن ۽ ڪيترائي ٻوليءَ جا شيدائي اهڙي ويساهه گهاتيءَ تي اٿي پيا ڏسندي ڏسندي سنڌي ٻولي قومي ٻولي تحريڪ شروع ٿي وئي. ٺاڪر داس اڳناڻيءَ پنهنجي اخبار "سنسار سماچار" اديبن لاءِ وقف ڪري ڇڏي، سيني اديبن، عالمن، ۽ ٻين گهٽڪهرن بمبئيءَ ۾ ميڙ سڏائي "سنڌي ٻولي ۽ لپي ڪميٽي" جوڙي ورتي جنهن ۾ ليکراج عزيز، ڪلياڻ آڏواڻي، گوبند مالهي، سڳن آهوجا، ڪرشن راهي، موهن ڪلپنا ۽ قانوني ويڙهه لاءِ برک قانوندان رام جيٺملاڻي کي ڪٺي سيني ان وقت جي تعليم واري وزير مولانا ابوالڪلام آزاد کي اهڙي ارهه زوراڻي تي خط لکي سخت احتجاج ڪيو. مولانا آزاد 10 جنوري 1951ع تي نئون سرڪيولر جاري ڪري صوبائي حڪومتن کي هدايت ڪئي ته سنڌي ٻولي ٻنهي لپين عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ لکي ويندي ۽ تعليمي ادارن اندر لپيءَ جي چونڊ مائٽن جي ٻارن تي ڇڏي وڃي ٿي. سنڌيءَ ٻوليءَ مٿان لٽڪيل خطرناڪ تلوار ته هٽي پر سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو رهيل هو. جنهن لاءِ بي ايچ ناگراڻي هڪ شاهوڪار ياداش ناموليڪو ته، سنڌي تهذيب ٻين تمام تهذيبن جي پيٽ ۾ وڌيڪ شاهوڪار ۽ طاقتور رهي آهي. سنڌي ٻولي نه صرف برصغير جي ٻولين جي ماءُ آهي پر ڪيترن ئي ٻولين کي جنم ڏنو آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. ٻوليءَ واري تحريڪ دوران "سنڌي ساهت منڊل" جون سرگرميون انيڪ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ پهچنديون رهيو. گوبند مالهيءَ جي سنڌي ڪلاڪار منڊل، ڪتابن، مخزن، اخبارن، رسالن، سنڌين جي هلچل ۾ ساهه وجهي ڇڏيو. جڏهن ته لال سنگ اجواڻي ۽ گوبند مالهيءَ به ياداشت نامو جواهرلال نهروءَ ۽ بي جي کير ڏي ائين شيڊول ۾ سنڌي ٻولي کي شامل ڪرائڻ لاءِ لکيا. جنهن تي نهروءَ انعامن لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪيو. ساڳي وقت دهليءَ ۾ "سنڌو سماج" جو پايو وجهندڙ ڪامريڊ حشو ڪيول راماڻي ۽ ٻيا اديب حشوءَ جي رهبريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ مهم هلائيندي اندازن هڪ لک ڪن سنڌين کان صحيحون ورتيون. حشوءَ اهو صحين وارو بنڊل پارليامنٽ جي اسپيڪر کي پيش ڪيو. اهڙي جستجوءَ تي ڪيس ڀرپور داد ڏنو ويو. ائين سنڌو سماج جي سرواڻ حشوءَ دهليءَ ۾ "سنڌي ٻولي ڪنوينشن" جو سڏ ڏنو. ان ڪنوينشن ۾ ٻنهي لپين، عربي ۽ ديوناگريءَ جا سيئي اديب وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. جنهن ۾ پارٽي صدر ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن شريڪ ٿي سنڌوءَ جي شاهوڪار تهذيب جي وڏي واکاڻ ڪئي. جتي سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ هڪ يڪ راءِ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. ڪنوينشن جي شروعات ڀٽائيءَ جي واين ۽ شام جو ساميءَ جا سلوڪ پيش ڪيا ويا. وڏي ڳالهه ته ان وقت پاڪستان جو پارلياماني ميمبر عبدالستار پيرزادو جيڪو ڀارت جي دوري تي ويو هو اهو به شريڪ ٿي ڪري اتي انهيءَ ڪنوينشن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وائي "ٻولي منهنجي ڀانيٽيائي" ڳائي هئي جنهن جي سڳنڌ ۽ سرور سڪ جي لهر پيدا ڪري ڇڏي هئي. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ 1960ع ۾ گانڌي دام 1961ع ۾ سنڌي ٻولي ساهت سڀا انهيءَ سال ڀوپال ۾ ڪنوينشن سڏايو هو. اتي حشوءَ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ زبردست تقرير ڪئي. اي جي اتم کي سرواڻ چونڊيو هو. اتر پرديش ۽ ڪانپور ۾ به ڀوڄ راڄ ناگراڻي ٻولي ڪنوينشن سڏايو. ڏنو وڃي ته اها ٻولي تحريڪ 1962ع ۾ هند چين ۽ 1965ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ جي ڪري ٿوري گهٽي مانار اچي وئي هئي پران بعد 16 جون 1966ع تي دهلي ۾ ٻولي ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ اندرا گانڌي کي پڻ گهرايو ويو. اتي اديبن اڃا ياداشت نامو ڪيس ڏنو ئي مس ته، اندرا چيو ته سنڌين سان ناانصافي نه ٿيڻ گهرجي! ان ويٽنگ روم ۾ ڪين گهرائي اديبن کي خوشخبري ٻڌائي ته: "اسان فيصلو ڪيو آهي ته سنڌي ٻولي شيڊول ائين ۾ موجود هوندي" اها خوشخبري ٻڌي ڪيرت ٻاٻاڻي، مالهي، اي جي اتم، حشو ۽ ٻين اديبن سڄي رات ننڊ ڦٽا ننڊ ڦٽا خط لکي هند توڙي سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ جي وارثن کي خوشخبري ڏني ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ملي ويو آهي. اها يادگار سوڀ 10 اپريل 1967ع تي حاصل ٿي. اڄ به اتي ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي پر پنهنجي ڌرتيءَ سنڌ تي اڃا تائين ٻوليءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ رياست تيار ناهي ۽ اڄ به سنڌ جا لکين باشعور اديب پنهنجي جيجل جي جهولي مان مليل لولي واري ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ روڊ رستن تي آهن ۽ وڏي آواز سان چون پيا ته "منهنجي ٻولي منهنجي ٻولي سنڌي ٻولي قومي ٻولي"

جن کي ڏورَ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنِ؛
فِڪرَ فَرَهِي هٿ ۾، مات مُطالع ڪنِ؛
پَنو سو پڙهنِ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

مهانگائي جي موسم

ميان مير چانڊيو

حڪومت هن دفعي مني بجيٽ آڻي بيهر ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ڪري ڇڏي آهي، مهانگائي جو ٻڏي بيروزگار، بيوس ۽ ڪنگال ماڻهن کي ڏڪڻي وٺي ويئي آهي. ڇاڪاڻ ته هو سمجهن ٿا مهانگائي جي باهه ۾ ڪين سڙڻو آهي، مهانگائي جي باهه ۾ سدائين پورهيت ماڻهو سڙيو آهي. مهانگائي جو اصل ڪارڻ ملڪ ۽ ملت سان سياسي ٺڳي، ڪرپشن، ڪرڙ ۽ ملڪي خزانو عيش عشرت ۾ لٽائڻ آهي. ورهاڱي کان وٺي هيل تائين سياسي تاريخ تي نظر ڊوڙائجي ته هر هڪ ڊڪٽيٽر توڙي چور دروازي مان آيل سول حڪمران جڏهن به اقتدار ۾ آيو آهي ته هن جي واتان اهي لفظ اڪثر ٻڌا ويندا آهن ته اسان ملڪي مفاد ۾ آيا آهيون ۽ ملڪ جي خدمت ڪنداسين. اسان کي ذاتي مفادن کان وطن عزيز جا مفاد وڌيڪ اهم آهن. ليڪن ائين هوندو ناهي. هر دور ۾ اقتدار ۾ آيل حڪمرانن اقتدار ۾ رهي فقط ذاتي مفاد ئي حاصل ڪيا آهن. باقي ملڪي خدمت جون ڳالهيون فقط چوڻ جي حد تائين ئي رهيون آهن. هن وقت مهانگائي جي موسم هلي رهي آهي، هن موسم ۾ نه گلاب ٽڙندا ۽ نه ئي وڻ ساوا ڇهڄ گونج موراٺيندا. هي موسم روحن کي رنجوره ڪرڻ جي موسم آهي، هن موسم ۾ دل ٿي، دل ۾ رت ٽهڪندو آهي، هي موسم دماغ ۾ خلل وجهندي آهي، ۽ بڪ آڻيندي آهي. هي موسم وجودن ۾ بيماريون آڻندي آهي، هي موسم اهي بيماريون ڏيندي آهي، جن جو مهانگو علاج هوندو آهي. مهانگائي ته ملڪ ۾ اڳاٽي وقت کان رهندي پئي اچي، ليڪن ٻوئين مهانگائي جي شروعات جنرل پرويز مشرف جي اقتدار جي قبضي دوران ٿي. عمران نيازي جي دور ۾، عالمي مالياتي اداري سان ڪيل معاهدي سان مهانگائي وڌيڪ پروان چڙهي جيڪا هن وقت عروج تي پهچي چڪي آهي.

شبو جيڪو ڪتي جا مهينا گذرڻ کان پوءِ پورهئي جي تلاش ۾ سرگردان رهندو آهي. هاڻي حڪومتي مهانگائي جي اعلان کان پوءِ مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو يار هاڻي ته جيئڻ کان به وياسين. گهر ۾ نه ڪٽ آهي، نه ڪو موچارو بسترو، ميري بستري تي ليٽي صبوح جو اٿون ٿا، چلهه ۾ ڪاٺيون وجهي باهه نه ٻارون ٿا، پر ڪڏهن ڪنڌ آهي ته چانهه ڪرنهي، چانور آهن ته گيهه ڪونهي، مون کي ته ڪڏهن ڪڏهن زال طعنا ڏيندي آهي ته نپاڳو آهين، جيڪڏهن ڪنهن اميرزادي جي گهر ڄمين ها ته هيڙا ڏکيا ڏينهن نه ڏسون ها، موجون ڪريون ها. سوچيو هوم ته مزدوري ڪري گهر جو ڪجهه سامان وٺندس پر هن مهانگائي ۾ ڇا وٺي سگهندس؟؟؟

زندگي هڪ رانديڪو آهي، ريڙ جي رانديڪن سان امير ۽ غريب جو ٻار ننڍي هوندي ته کيڏي ٿو ۽ وڏو ٿي ان مان هٿ کڏي ٿو وڃي، پر زندگي جي کلوني سان هر ڪو ماڻهو آخر تائين کيڏندو رهندو آهي. جڏهن ته امير ماڻهو زندگي ۾ عيش ڪندو آهي ۽ هر غريب ماڻهو مشڪل حالتن ۾، احساس محرومي جو شڪار ٿي ويندو آهي شبو!

پر اهي سڀ مشڪلاتون پورهيت ماڻهن لاءِ ڇو آهن؟ شبو سوال ڪيو

گانڌي برصغير جو وڏو ڏاهو ۽ سياسي مدبر هو ان وٽ پلا ڪهڙي ملڪيت هئي! ريڍيون ٻڪري، ڪٽ گهر، ڪٽوءِ مليشا جا ڪپڙا!

ايئن ته آهي سائين! پر چون ٿا ته هو آفريڪا تعليم پرائڻ ويو هو ته وڪالت به پڙهيو هو اسان ته ڳوٺ ويجهو شهر به وڃي نه ٿا سگهون، ڳوٺ جو اسڪول ته گهڻي وقت کان بند پيو آهي، پڙهي به ڪونه سگهياسين. شبو جواب ۾ چيو. ان وقت شبو جي اکين ۾ اداسي ڇلڪي رهي هئي، جيئن سانوڻي رت جي وقت طوفان ۾ درياءُ ڇلڪندو آهي.

شادي ڪيئي؟ پڇيو ماٺس

ڇگو ٿيو ٻي شادي ڪونه ڪيم. امان ڀاڙي جي هڪ گهر ڇوڪري جو سڱ وٺڻ لاءِ وئي هئي، ڇوڪري جي مائٽن چيو نوڪري اٿس؟ امان چيو نه.

ڪاروبار اٿس؟ نه.

مطلب ته واندو گروپ آهي. هليو آهي ٻي شادي ڪرڻ.

امان واپس اچي گهر ۾ رني هئي. چئي پئي غربت! زندگي جا ڪيترا گس بند ڪري ٿي ڇڏي، پهرين شادي مان پٽ کي اولاد ڪو نه ٿيو ٻي شادي ڪرايانس ها!

مهانگائي تي هڪ ٻي بيوس عورت به ڏاڍو رني هئي. جيڪا سندس ٽن ٻارن سميت ڇاتي چم کان ناٻين هئي. هن روئندي ٻڌايو هو ته ڀاڙي جون عورتون اسان کي مهڻا ٿيون ڏين ته اوهان اَنڌن مان اچي ڦاٿا آهيون، هن هيڏي مهانگائي ۾ اسان ٻان پنڻ جهڙا ٿي ويا آهيون. ان ناٻين عورت ٻڌايو هو ته سندس ٻيءَ گذاري ويو آهي جيڪو ٽي وي ۽ ريڊيو جو مستري هو. هو آخر تائين انهي ڏنڌي مان گهر هلائيندو هو هن ٻڌايو ته هاڻي سندس ماءُ ئي سندن اڪيلو سهارو آهي جيڪا هاڻي اسي سالن جي عمر کان مٿي چڙهي چڪي آهي ۽ ضعيف ٿيندي پئي وڃي.

مهانگائي ڪندڙن کي ڪهڙي خبر ته هن ديس جا ڪيترائي ماڻهو اڳ ئي ويلن جا ويلا بکيا ٿا رهن، ويتر هي مهانگائي انهن جي بک جي ويلن ۾ واڌارو ڪندي. مهانگائي ڪندڙن کي ڪهڙي خبر ته ليلي اوڏڻ جيڪا سندس ور جي مري وڃڻ کان پوءِ بکيا ٿي ٻاتي ڦردن کي پالي ٿي، اها درياءَ جي چاڙ وانگي وڌندڙ مهانگائي ۾ ملنڊڙ بکيا ڪان به واندي ويهي رهندي. مهانگائي ڪندڙن کي شايد اها خبر به نه هجي ته مهانگائي وڌڻ سان بيوس ۽ غريب انسان نه فقط وڌيڪ ويلا بک ڪاڻڻ تي مجبور رهندا پر ساڳئي وقت اهي دوا درمل ۽ اجهي اڏڻ کان به محروم رهجي ويندا. مهانگائي ڪندڙن کي اهو به معلوم نه آهي ته پرندن کي داڻو ڏيندڙ اهي انسان به هاڻي انهن کي داڻو ڏيئي نه سگهندا. ڇاڪاڻ ته هاڻي سندن داڻو به مشڪل ٿي پيو آهي.

بقايا 01

14 تحت شهرين جي پرائيوسي جي حق جي تحفظ جي اپيل ڪئي وئي آهي. عمران خان خط ۾ چيو ته گذريل ڪيئي مهينن کان شڪي ۽ اڻ تصديق ٿيل آڊيو توڙي وڊيوز جو سلسلو جاري آهي. اهي ليڪس اڳوڻين سياسي شخصيتن ۽ عام ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه تي ٻڌل آهن. منظر عام تي آيل آڊيوز ۽ وڊيوز غير تصديق ٿيل مواد تي ٻڌل آهن جن جي جوڙ توڙ ڪري ڊيپ فيڪ سميت ٻين جعلي طريقن سان ٺاهيو آهي. هن چيو ته اهڙيون آڊيوز به آيون جن جي مواد مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي وزيراعظم هائوس ۽ هائوس بابت هيون پاڪستان ۾ آئين تيار ڪرڻ دوران مختلف حقن کي آئين جو حصو بڻايو ويو آئين جو آرٽيڪل 4 هر شخص کي قانون جو تحفظ ۽ قانون تحت ورتاءُ جو حق ڏي ٿو. آئين تحت ڏنل حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي. خط ۾ عمران خان چيو ته هن آڪٽوبر 2022ع ۾ انهن آڊيو ليڪس تي عدالت ۾ آئيني درخواست ڏني هئي، بدقسمتيءَ سان اڃا تائين اها ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ناهي ٿي. سندس درخواست بعد معاملن ۾ بهتري بدران حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون آهن. عمران خان چيو ته تازو پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ سپريم ڪورٽ جي جج جي مبينا ڳالهه ٻولهه سوشل ميڊيا تي جاري ڪئي وئي، واضح ٿي چڪو آهي هاڻي عوام معمول تحت ان ڳجهي نگراني ۽ رڪارڊنگز جو نشانو بڻجي رهيو آهي. انهن رڪارڊنگز کي ٽوڙي مروڙي منظرعام تي آڻڻ جو سلسلو جاري آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين، سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ججن آڏو 8 سوال به اٿاريا. سندس چوڻ هو ته ڪهڙو قانون عوام جي ان نگراني ۽ ڳجهي رڪارڊنگ جي اجازت ڏي ٿو؟ سوال اهو به پيدا ٿئي ته قانون ان نگراني ۽ رڪارڊنگ جو ڪنهن کي حق ڏي ٿو؟ ان سوال تي به جواب گهربل آهي ته ان نگراني ۽ رڪارڊنگ جي حد ڪهڙي آهي؟ عمران خان چيو ته اهم سوال اهو به آهي ته ان نگراني ۽ رڪارڊنگ جو سلسلو ڪيستائين جاري رهندو؟ ان سوال جو به لازمي آهي ته ان نگراني ۽ رڪارڊنگ جي حفاظت لاءِ ڪهڙا انتظام آهن؟ ڇا ڪنهن جي مرضي سان شهرين جي گڏيل ڳالهه ٻولهه کي ڳجهي نموني رڪارڊ ڪري سگهجي ٿو؟ قانون ٽوڙڻ ۽ بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي روڪڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا آهن؟ ڇا اسان اهي حساس ترين ادارا جتي اهم ترين معاملن تي فيصلا سازي ٿيندي آهي محفوظ آهن؟ پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته آئين تحت ڏنل حق اهم آهي ته عوام انهن سوالن جا جواب چاهي ٿو. سندس اپيل آهي ته اڻ تصديق ٿيل آڊيو ليڪس تي سندس درخواست ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ڪئي وڃي.

بقايا 02

6 جو منهن ڏسڻو پوندو. تنهنڪري هو عمران خان جي ڪٺ پتلي بڻجڻ بدران پاڪستان جو صدر بڻجي.

بقايا 03

ڪري اوچتي جيڪٽس ۽ هٿيارن سان ڪراچي پهتا، اسان کي پنهنجي انٽيليجنس بهتر ڪرڻي پوندي. جنهن گاڏيءَ ۾ سوار ٿي دهشتگرد پهتا اها گاڏي چئن ماڻهن وٽ وڪرو ٿيهن چيو ته ٽرانسفر نه ٿيندڙ گاڏين کي بند ڪيو ويندو. دهشتگرد ڪٿي به اچي مسواڙ تي گهرون ٿا، ان کي روڪڻ لاءِ اسان ڪم ڪنداسين. سنڌ اسيمبلي ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگردن جي حملي خلاف مذمتي ٺهراءُ منظور ڪري ورتو. شهيدن جي خاندانن سان ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار پڻ ڪيو ويو آهي.

بقايا 04

اليڪشن جو پروگرام جاري ڪري، آئين تحت آئين جي تحفظ جو دفاع جو حلف ورتو آهي. عارف علوي چيو ته چونڊن بابت عدالتي فورم طرفان ڪو به اسٽي آرڊر نه آهي. تنهنڪري 57 هڪ تحت اختيار جي استعمال ۾ ڪائي رنڊڪ نه آهي. آئين ۽ قانون 90 ڏينهن کان وڌيڪ دير جي اجازت نٿو ڏي. ياد رهي ته صدر چونڊن جي تاريخ جي اعلان لاءِ اليڪشن ڪميشن کي مشاورت لاءِ خط به لکيو هو. پر اليڪشن ڪميشن صدر عارف علوي جي چونڊن جي تاريخ تي مشاورت جي تجويز رد ڪري ڇڏي هئي.

بقايا 05

درخواست ڏني آهي. درخواست ۾ صوبائي گورنرن، اليڪشن ڪميشن ۽ مملڪتي صدر، قانون واري وزارت، پارلياماني معاملن، ڪي پي ۽ پنجاب جي حڪومتن کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اسيمبلين کي ٽٽڻ کي هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي. گورنر آئين موجب چونڊن جي تاريخ جو اعلان ناهن ڪري رهيا. درخواستگذارن چيو آهي ته چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي ذميواري آهي. درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته سپريم ڪورٽ صوبائي گورنرن کي چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏئي.

بقايا 06

جيڪو اڄ شام ستين وڳي ٿيلي ڪاسٽ ٿيندو. وفاقي وزير جو اهو بيان پي ٽي آءِ اڳواڻ شيرين مزاري جي ان دعويٰ جي هڪ ڏينهن بعد ۾ سامهون آيو آهي جنهن ۾ چيو ويو ته اڳوڻو آرمي چيف (ر) جنرل قمر جاويد باجوا ٽي ٽي پي جي ماڻهن کي ملڪ ۾ ٻيهر آباد ڪرڻ چاهي پيو. ياد رهي ته پاڪستان ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي. جنهن ۾ جمع واري رات ڪراچي پوليس چيف جي آفيس تي حملو شامل آهي.

بقايا 07

سرفراز خان ورڪ جي قيادت ۾ ٽيم مقامي پوليس جي مدد سان عمران خان کي گرفتار ڪندي. ڪيس گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ اسلام آباد کان آيل ٽيم جي حوالي ڪيو ويندو. ذريعن موجب ايف آءِ اي ٽيم پهريان عمران خان کي زمان پارڪ مان گرفتار ڪرڻ جو پروگرام بڻايو پر ڪارڪنن جي سخت ردعمل کي ڌيان ۾ رکندي هاڻي ها، ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ بعد ڪيس گرفتار ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ تياري مڪمل ڪئي وئي آهي.

بقايا 08

تاريخ واري اعلان تي رد عمل جو اظهار ڪيو آهي. صدر علوي ٽو اپريل آچر ڏهاڙي تي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي اسيمبلين ۾ اليڪشن جي تاريخ ڏئي ڇڏي. صدر اليڪشن ايڪٽ به هزار سترهن جي سيڪشن ستونجاهه هڪ جي تحت چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو آهي. ان حوالي سان پشاور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي خيبرپختونخواهه جي گورنر غلام علي چيو آهي ته مملڪتي صدر وٽ اليڪشن جي تاريخ ڏيڻ جو ڪو به اختيار ناهي هن چيو ته سپائي سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاس آهي، انڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 09

حڪومت مهانگائي جي ذميوار نه آهي. عوام ڄاڻي ٿو ته معاشي تباهي ۽ مهانگائي جو عذاب اڳوڻي حڪومت آندو. چئن سالن دوران جيڪا تباهي مچائي وئي ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه سال لڳندا. هن چيو ته نواز شريف ايندو ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. ماضي ۾ به سدائين ملڪ خراب حالتن ۾ مليو پر نواز شريف ۽ شهباز شريف سدائين ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ هاڻي به قوم ۽ ملڪ کي بحران مان ڪيندا سين. مريم نواز چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو ن ليگ ۾ اچڻ لاءِ منٿ ڪري رهيا آهن. عمران خان خلاف ڪيس سياسي انتقام جي بنياد تي نه ٺهيا. اوپر ۽ اولهه ۾ سڀ ڄاڻن ٿا ته عمران خان ٽيريان واري معاملي تي ڪوڙ ڳالهايو آهي.

بقايا 10

ڪري رهيا آهيون ته پاڪستان دهشتگردي جي نئين لهر جو منهن ڏئي رهيو آهي ۽ اهو خطرو چو وڌندو پيو وڃي. آمريڪي پرڏيهي وزارت جي اعليٰ عهديدار ٻڌايو ته پشاور ۽ ڪراچي پوليس تي حملن تي ٿيندڙ جاچ مان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جو گهرائي سان جائزو وٺي رهيا آهيون ته جيئن انهن منصوبن جي حڪمت عملي جوڙيندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سگهون. هن ان ڳالهه جي تصديق ڪندي چيو ته هن پنهنجي پاڪستاني هم منصب سان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سندن گهرجن ۽ آمريڪا طرفان ڏنل مدد بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. پر هن افغانستان ۾ دهشتگردي جي ٺڪاڻن تي حملن ۾ مدد بابت سوال جو جواب ڏيڻ کان پاسو ڪيو.

بقايا 11

بينظير ڀٽو جي قتل ڪيس جون ڪهاڻيون سامهون اينديون. هڪ بيان ۾ منظور وسان چيو ته سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر تائين گهڻيون شيون ظاهر ٿينديون. آڪٽوبر مهيني ۾ ملڪ اندر عام چونڊون به ٿي سگهن ٿيون دير به ٿي سگهي ٿي. منظور وسان جو چوڻ هو ته فنڪشنل ليگ پيپلزپارٽي ۾ ضم ٿي ويندي. بلاول ڀٽو زرداري ۽ مريم نواز جو مستقبل سٺو ڏسي رهيو آهيان. سندس چوڻ هو ته هلندڙ سال ڪيترين ئي آڊيوز ۽ وڊيوز به سامهون اچڻ واريون آهن.

بقايا 12

شاهه محمود قريشي جو چوڻ هو ته عمران خان کي گاڏي مان لاهي عدالت ۾ آڻڻ ناممڪن آهي انڪري ججن کان درخواست ٿي ڪجي ته عمران خان جي حاضري کي قبول ڪيو وڃي. هن چيو ته عمران خان عدالت جي حدن ۾ موجود آهي. پنجاب حڪومت فول پروف سيڪيورٽي جو واعدو پورو نه ڪيو واضح رهي ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي لاهور هاءِ ڪورٽ پنجين وڳي عدالت طلب ڪيو هو ۽ هو عدالت جي حدن ۾ ئي موجود آهي.

بقايا 13

تي روس جي حملي ڪانپوءِ آمريڪي صدر جو اهو پهريون دورو آهي. آمريڪي صدر جي دوري جي موقعي تي ڪيف ۾ هوائي بمباري جا سائرن به وڳا پر خبررو اداري موجب ڪيف ۾ روسي ميزائل يا بمباري جا اطلاع ناهن مليا. آمريڪي صدر اهو دورو اهڙي وقت ۾ ڪيو آهي ته جڏهن يوڪرين تي روس جي حملي جو هڪ سال مڪمل ٿيڻ وارو آهي. وائيٽ هائوس مان جاري ڪيل بيان موجب بائيڊن يوڪريني صدارتي محل ۾ صدر والاديمير زيلنسڪي سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي حمايت جي خاطري ڪرائي. وائيٽ هائوس موجب صدر بائيڊن جو چوڻ هو ته هڪ سال اڳ جڏهن روس يوڪرين تي حملو ڪيو هو ته پيوٽن جو خيال هو ته يوڪرين ڪمزور آهي ۽ اولهه ورهاست جو شڪار آهي پر هو انتهائي غلط هو آمريڪي صدر ان موقعي تي يوڪرين کي وڌيڪ پنج سئو ملين ڊالر جو نئون فوجي امدادي پيڪيج ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

بقايا 14

آهي. ايف سي ذريعن موجب طورخم سرحدي لنگهه وٽ ٻه طرفي فائرنگ جو سلسلو جاري آهي. جڏهن ته هڪ ايف سي اهلڪار جي زخمي هئڻ ڪانسواءِ ڪنهن وڏي جاني نقصان جا اطلاع ناهن مليا. زخمي ايف سي اهلڪار کي سي ايم ايڇ لنڊي ڪوتل منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 15

خان کي اقتدار ۾ واپس آڻيندو نياري صحافي اعزاز سيد موجب ان جو مطلب اهو آهي ته رٽائرڊ چيف جسٽس جا سائي ۽ سندس جونيئر جج عدالتن ۾ موجود آهن جن ذريعي هو اثرانداز ٿي سگهي ٿو پئي طرف تازو جسٽس مظاهر علي نقوي جي پرويز الاهي سان ڳالهه ٻولهه جي آڊيو ليڪ ٿئي به ان جو ثبوت آهي. جڏهن ته اهي به اطلاع آهن ته هڪ آڊيو جيڪا هڪ سرڪاري ملازم سان پيسن جي ڏيتي ليتي بابت آهي اها منظر تي به آئي آهي پر چيف جسٽس کي ملي وئي آهي. هڪ وڊيو جو به سوشل ميڊيا تي چرچو آهي جيڪا به اڃان منظر تي نه آئي آهي. هوڏانهن تازا اطلاع آهن ته رٽائرڊ چيف جسٽس ثاقب نثار، آصف سعيد کوسا ۽ جسٽس عظمت سعيد کان سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي. چوڻ استيبلشمينٽ ته غيرجانبدار ٿي وئي آهي پر عدليا ۾ عمر ان خان جا سهولتڪار موجود آهن ان جو اظهار بلاول ڀٽو به ڪيو هو ۽ مريم نواز به ڪليل نموني چيو هو ته عمران خان هاڻي عدليه جي گهوڙي تي سوار ٿي اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان ڪري جهڙي طرح استيبلشمينٽ ۾ عمراني قيادت جي صفائي ٿي رهي آهي بلڪل ساڳي طرح عدليه کي به آئيني حدن تائين محدود ڪرڻ لاءِ صفائي جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ ناماياري صحافي عمران شفقت جو چوڻ آهي ته عدالتي گهوڙي جون واڳون ڇڪڻ جو به اعليٰ سطح تي فيصلو ٿي چڪو آهي. آئيني اداري جي سربراهه کي روز جي بنياد تي پيغام ملڻ شروع ٿي ويا آهن. نتيجا به جلد سامهون اچڻ شروع ٿي ويندا.

بقايا 16

نالي ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ صوبائي وزير چيو ته اوهن ٽرانسپورٽ ليٽر تي گاڏيون هلائيندڙ مالڪ هڪ هفتي ۾ گاڏيون پنهنجي نالي ڪرائين هن چيو ته هٿيارن جي نمائش غيرقانوني آهي، هڪ هفتي ڪانپوءِ هٿيارن جي نمائش ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويندو. شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته پوليس، رينجرز ۽ فورسز ۽ سيڪيورٽي گارڊن کي بنا يونيفارم جي هٿيارن جي نمائش جي اجازت ناهي. سنڌ سماءُ واري وزير اهو به چيو ته گهر، دڪان ۽ گاڏي ڪرائي تي ڏيندڙن کي اڳ ۾ پنهنجي ٿاڻن تي آگاهي ڏيڻي پوندي. سندس چوڻ هو ته خانگي گاڏين ۾ پوليس جهڙيون لائيٽيون يا ٻيو ڪجهه به نظر آيو ته اهي گاڏيون ضبط ڪيون وينديون جڏهن ته ڪرائي تي هٿيار ڏيندڙ ۽ وٺندڙ جيل ۾ وڌا ويندا. شرجيل ميمڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته اناريهه فيبروري کان انهن فيصلن تي عمل ڪيو ويندو.

بقايا 17

ڪئي آهي. پارٽي سفارتي عملي ساموندي حدن جي ڀڃڪڙين ۾ گرفتار ٿيل پارٽي قيدين سان ملاقات ڪئي. مليرجيل جي ذريعن ٻڌايو ته پارٽي سفارتي عملي جي ٻن ميمبرن کي گهرو وزارت جي حڪمن تي ملاقات ڪرائي وئي جنهن ڪانپوءِ پارٽي سفارتي عملو پارٽي قيدين سان ملڻ لاءِ پهتو.

بقايا 18

عارف علوي جو نمبر بڻجي ٿو هو پنهنجي گرفتاري پيش ڪري. اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ آرڪائيوز ۾ پريس ڪانفرنس ۾ صحافين جي سوالن جي جواب ڏيندي چيو هن چيو ته ان جي بعد جيڪو نشانو زمان پارڪ ۾ ويٺو آهي ان کي گرفتاري ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته ايوان صدر جو غير آئيني استعمال ٿي رهيو آهي ۽ صدر عارف علوي پي ٽي آئي جي ٽائيگر فورس جي ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته صدر عارف علوي سنگين ڏوهن ۾ ملوث دهشتگردن جون سزائون معاف ڪيون ۽ کين آزاد ڪيو ويو صوبائي وزير چيو ته جڏهن صدر دهشتگردن کي ڇڏيندو ته ان جا نتيجا ڇا نڪرندا توهان سڀ ان جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صدر عارف علوي جو پٽ سوشل ميڊيا تي ملڪ جي خلاف مهم ۾ شامل آهي. هن چيو ته عمران خان لاڏلو بڻيو ويٺو آهي. جنهن کي ايتريون ته سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جنهن جي پوري دنيا ۾ مثال نٿي ملي. وڏا وڏا ڊان به ان قسم جي سهولت حاصل نه ڪري سگهيا. عدالتون عمران خان جو انتظار ڪنديون رهن ٿيون ته هو ڪڏهن ٿو پيش ٿئي. صوبائي وزير چيو ته ملڪ ۾ دهشتگردن لاءِ رستو ڪنهن هموار ڪيو ڪهڙي حڪومت انهن کي ڇڏي ڏني هن چيو ته جڏهن آرمي پبلڪ اسڪول جو واقعو پيش آيو ته ان وقت خيبر پختونخوا ۾ ڪنهن جي حڪومت هئي. دهل ۽ شرناهين سان دهشتگردن ٻنون جيل تي حملو ڪيو ۽ سنگين ڏوهن ۾ ملوث پنهنجن سائين کي آزاد ڪرائي وٺي ويا ان وقت ڪنهن جي حڪومت هئي.

بقايا 19

جي اڳو نه ٻڌائي. اليڪشن جي تاريخ ڏيڻ سان صدر جو ڪو به ڏيڻ وٺڻ ناهي. هن چيو ته عارف علوي اليڪشن جي معاملي ۾ هروڀرو ٽنگ نه اڙائي، اهو اليڪشن ڪميشن کي غير آئين ۽ غير قانوني حڪمن تي مجبور نٿو ڪري سگهي. گهرو وزير جو چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن توهان جو نوڪر ناهي جو جيڪو توهان چئو اهو مڃي. عمران خان معيشت، پرڏيهي لاڳاپا ۽ قومي مفادن کي نقصان پهچايو آهي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته عمران خان رياستي سربراهه جي عهدي کي سازش لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي.

بقايا 20

ڪميشن سپائي اهم اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان جو چوڻ آهي ته اجلاس صدر طرفان چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو جائزو ورتو ويندو ترجمان موجب اليڪشن ڪميشن صدر طرفان ليٽر ملڻ ڪانپوءِ قانون پٽاندڙ فيصلو ڪندي.

بقايا 21

عمر ۽ علي نواز اعوان پڻ شامل آهن عدالت سنگجاڻي ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ شريڪ جوابدارن کي سپائي نوٽيس جاري ڪيا آهن ۽ ايف آءِ آر ۾ نامزد شريڪ جوابدارن کي سپائي تائين وڳي حاضري يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 22

تحريڪ بابت زوم تي اهم اجلاس ڪرايو. جنهن ۾ پرويز خٽڪ جيڪو پي ٽي آءِ ڪي پي جو صدر به آهي، اهو شريڪ نه ٿيو. جنهن تي عمران خان ڪاوڙ ۾ ڪيس فون ڪئي پر پرويز خٽڪ فون اٽيند نه ڪئي ۽ عمران خان ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو پئي ٻاسي شاهه محمود قريشي تي به ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ملتان ۾ جيل ڀريو تحريڪ جي ڪا به تياري نه آهي، اوهان ۽ اوهان جي فرزند زين قريشي جي ڪارڪردگي مان مطمئن نه آهيان انڪري زين قريشي جي ٽڪيٽ جي گهر به نه ڪجو صحافي موجب محسوس ٿي رهيو آهي ته پي ٽي آءِ ۾ جيل ڀريو تحريڪ تي به سخت اختلاف آهن. اطلاع آهن سڄي ملڪ مان گرفتاريون ڏيندڙ ڪارڪنن جي جيڪا فهرست ترتيب ڏني وئي آهي ان مطابق 1600 ڪارڪنن جي رجسٽريشن ٿي سگهي آهي.

بقايا 23

حميد ۽ رٽائرڊ چيف جسٽس ثاقب نثار جا اهڙا خطرناڪ ثبوت منظر تي اچڻ وارا آهن جو تازو ليڪ ٿيل آڊيوز به عوام کان وسري وينديون. اهڙي تصديق نوازشريف جي ويجهو رهندڙ صحافي اظهر جاويد ٽوئيٽ ذريعي اعلان ڪيو آهي ته مٿين شخصيتن جي تازين سرگرمين جا ثبوت جلد منظر تي آندا ويندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻئي شخصيتون ٻن ادارن ۾ موجود پنهنجن سائين ۽ جونيئرن سان ملاقاتون ڪندا رهيا آهن. موجوده سسٽم جي تڏا ويڙهه ڪري عمران خان جي اقتدار ۾ واپسي جون سازشون ڪندا رهيا آهن.

بقايا 24

صحافين پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن امير حسن نيتر قائم خاني، مير زمان جت، يوسف قائم خاني ۽ ٻين چيو ته حڪومتي ناقص پاليسين سبب غريب مسڪين پورهيت طبقو سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهي، غريب ماڻهن جي گهرن جا چلها مهانگائي

خلاف نياز علي برڙو، الياس ڪلهوڙو، مولوي منظور چانڊيو، شڪيل عطار، ايوب ڪوسو، اياز ميهيسر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ دعا جي هٽن کان احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي مختلف رستن کان گشت ڪري مهانگائي خلاف شديد نعريبازي ڪندا ميهڙ جي گهنٽا گهر چوڪ نيشنل پريس ڪلب ميهڙ وٽ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ حڪمرانن جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب مهانگائي وڌي وڌي وئي آهي، تيل جي اڳهن ۾ واڌ سبب عام ماڻهو جو جيئڻ جنجال آهي، غريب ماڻهو ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن، حڪمرانن جي عياشين جي سزا عام ماڻهو کي ملي رهي آهي، متياري ۾ به ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف ڌرتي ڌڻي تحريڪ ضلعي متياري پاران ضلعي صدر دلبر ڪوسو، بخش علي شاهاڻي قاسر ڪوسو، خالد ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قومي شاهراهه بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي اڳواڻن چيو ته وڌندڙ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي عوام جون مٽيون مجهائي ڇڏيون آهن. غريب پورهيت طبقي جا ماڻهو به ويلا ماني ڪائڻ لاءِ پريشان آهن پر وفاقي حڪومت هر روز پيٽرول جا اگهه وڌائي عوام مٿان روز مهانگائي جو بم ڪيرائي انهن کان جيئڻ جو حق به کسي رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تيل جا اگهه گهٽائي مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي ٻي صورت ۾ روڊ رستا روزانو جي بنياد تي بند ڪيا ويندا، ايس ايڇ او متياري مظاهرين سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرائي ڇڏيو، لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻو آٽوز يونين جي سڏ تي ڳاٽي مهانگائي خلاف پورهيتن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي شهر جي پراڻي بس اسٽينڊ واري علائقي مان پيٽرول ۽ سي اين جي تي هلندڙ رڪشائن ۽ لوڊر گاڏين تي چڙهي احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي مختلف روڊن رستن جو گشت ڪري جناح باغ چوڪ تي ڌرڻو هنيو جتي هنن روڊ بلاڪ ڪري مهانگائي خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي آٽوز يونين جي صدر بشير احمد ڀٽو، چيئرمين دريا خان سولنگي، انور علي جتوئي، مير علي ڪوسو، مريد علي سومرو، قربان ڪوسو ۽ ٻين چيو ته وفاقي حڪومت پوڙ ۽ برسات ستيل غريبن توڙي پورهيتن مٿان مهانگائي جو بم ڪيرائي انهن جي جيئڻ جيو ڪري ڇڏي آهي، خيرپورناٿن شاهه ۾ طبقاتي جدوجهد، پاڪستان ٽريڊ يونين ڊفينس ڪئمپين طرفان پيٽرول ۽ ٻين بنيادي ضرورت جي شين جي هڙتال وڌايل قيمتن خلاف هوري اسٽاپ کان علمدار چونڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ طبقاتي جدوجهد، حمالي مزدور يونين، سبزي يونين، ڏهاڙي دار مزدورن ۽ شهرين شرڪت ڪئي احتجاجي مظاهري کي ڪامريڊ اعجاز پکهيو، اعجاز ڀمر، سهيل چانڊيو، عيسيٰ چانڊيو، وزير گاڏهي ٻين خطاب ڪيو ڪشمور ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي

آهي. هنن چيو ته مزدور جي پگهار گهٽ ۾ گهٽ 40 هزار مقرر ڪري پوڙهاپ الائونس 20 هزار ڪيو وڃي. ٽئڪسن جو بار جنرل، ججن ۽ سول آفيسر شاهي تي وڌو وڃي. انهن جي شاهاڻا خرچن کي ختم ڪري غير ترقياتي خرچن کي گهٽ ڪيو وڃي. عوام کي هر شئي ۾ سبسڊي ڏئي روزمره ضرورت وارين شين جون قيمتون 2018 جي سطح تي آنديون وڃن. قومي اثاثن

سياسي شخصيتن ۽ عام ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه تي ٻڌل آهن، منظر عام تي آيل آڊيوز ۽ وڊيوز غير تصديق ٿيل مواد تي ٻڌل آهن جن جي جوڙ توڙ ڪري ڊيپ فيڪ سميت ٻين جعلي طريقن سان ٺاهيو آهي. هن چيو ته اهڙيون آڊيوز به آيون جن جي مواد مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي وزيراعظم هائوس ۽ هائوس بابت هيون پاڪستان ۾ آئين تيار ڪرڻ دوران

بقايا سنڌيار 01

نشانو بڻيل نينگري جي وارثن ماءُ حليمان شيخ، چاچا اسلم شيخ ۽ ٻيا سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي سنڌس ماءُ حليمان شيخ چيو ته منهنجي 12 ورهين جي ذهني معذور ۽ يتيم نينگري پناڻي شيخ کي سونو عرف مرچو شيخ ۽ ٻيا گذريل ٽن چار مهينن کان زيادتي ڪري حوس جو نشانو بڻائيندا رهيا، منهنجو مڙس ۽ پٽ ٻئي گذاري ويا جنهن کان پوءِ منهنجي ننهن جي مائٽن وٽ رهندي هئس منهنجي نياڻي پناڻي جيڪا ذهني معذور هجڻ ڪري صحيح ڳالهائي به نٿي سگهي، آئون پني پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندي آهيان. ظالمن منهنجي نياڻي کي حوس جو نشانو بڻايو جنهن کان پوءِ هو ڇهن مهينن جي حمل سان ٿي وئي آهي. وارثن ايس پي سجاول ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

عدر سلطان قبرستان نوشهرو فيروز ۾ ادا ڪري مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آخري رسمن ۾ اديبن، سگهڙن، فنڪارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي سنڌس شاعري ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي مرحوم ٻن فلمن ڏکن جو ڏيهه ۽ پيار جي جنگ ۾ اداڪاري ڪئي.

بقايا سنڌيار 03

صدر بار ڪائونسل رئيس عبدالرحيم عباسي مشتاق حسين ٻڙدي عمرالدين پنهور راڻا عبدالجبار شير محمد اڄڻ جي اڳوٽي ۾ ڪڍي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ بارڪائونسل جي ميمبر عبداستار لهراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايسي شهدادپور ۽ بدمست پوليس جيڪو اسان جي وڪيل پاءِ ته تشدد ڪيو آ ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيو ٿا اسان سپريم ڪورٽ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فورن انهن ايسي شهدادپور ۽ ايس ايڇ او خلاف ايفآر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ورن اسان احتجاج دائرو وڌائيندا ۽ اسان ضلع سانگهڙ ۽ شهدادپور جي وڪيلن کي ايل ٿا ڪريون ته جيئن اهي آفيسر ڪورٽ ۾ اچن ته پنهنجي وڪيل جو پلاند ڪيو پوءِ ڏسنداسون ان موقعي تي صدر بار ڪائونسل اياز حسين مري چيو ته ته هي جيڪا ڪريل حرڪت ايسي ۽ پوليس ڪئي آن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن دهشد گردن خلاف قدم کڻي ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي مشتاق حسين ٻڙدي چيو ته فورن انهن بد مستن پوليس وارن ۽ ايسي شهدادپور خلاف قدم کنيو وڃي ورنه اسان به چوڙيون نه آهن پاتيو اسان به انهن کي روڊن تي گهليندا سون جيڪو ڪجھ ٿيو ان جا ذميوار اهي پاڻ هوندا شير محمد اڄڻ چيو شهدادپور جي وڪيل شيراز لاکو تي ٿيل تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري وڪيلن مان بيچيني دور ڪئي وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين رئيس عبدالرحيم عباسي چيو ته هي ڪٿان جو قانون آجو هڪ وڪيل تي تشدد ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آ اتان جي پوليس ۽ ايسي انسانيت جا سب ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن انهن خلاف قدم کنيو وڃي فورن ان بد مست ايس ايڇ او ۽ ايسي کي سسپنڊ ڪري انهن تي ايف آءِ آر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 04

ميمڻ، غلام مصطفيٰ مگسي، غلام مصطفيٰ آلڪاٽي بشارت علي چارڻ، لياقت علي پرڳڙي ۽ ٻين چيو ته اليڪشن ڪميشن طرفان بلدياتي اليڪشن جي ڪري ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ تي پابندي هئي پابندي جي باوجود ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز عبدالحميد چنڙ آرڊر ڪيو ۽ پوءِ اسان جي ملازم کي ريليو نه ڪرڻ جو ڇٽي چپ ڪرايو ويو ۽ هاڻ ڪلڪ پرنسپال گورنمينٽ گرلس ڪاليج دادو جي پرنسپال ريليو آرڊر ڪيو جنهن ۾ 1 مهينو پراڻي تاريخ لڳائي وئي آهي جيڪا سراسر ناجائزي ۽ غير قانوني عمل آهي جڏهن ته عرفان راجپوت مسترول تي ۽ آن لائن پورٽل تي اڄ ڏينهن تائين دادو گرلس ڪاليج ۾ ڊيوٽي ڏئي رهيو هو اگر هڪ مهينو اڳ ريليو ٿيو ته پوءِ ساڳي ڪاليج ۾ هينئر تائين ڊيوٽي ڪيئن ڪندو رهيو آهي اسان سيڪريٽري تعليم ڪاليج سنڌ ۽ وزير تعليم سنڌ کان مطالبو ٿا ڪريون ته غير قانوني ۽ دشمني ۾ ٿيل بدلي جي انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ان غير قانوني ۽ دشمني ڪندڙ عبدالحميد چنڙ ۽ پرنسپال گورنمينٽ گرلس ڪاليج دادو خلاف ڪارروائي ڪري اسان نتدين ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

پهتو ان ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي ان موقعي تي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ ايريگيشن امحمد احمد ميمڻ، ايڪسين آبپاشي نصرت ڊويزن عطا حسين چجڙو، ايڪسين ورڪس اينڊ سروسز امير بخش راهوجو، ايڪسين آبپاشي روهڙي ڊويزن ڪنڊيارو فهيم مخدوم سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر آپريشن چيو ته هائي ڪورٽ سکر بينچ جي هدايتن جي روشني ۾ مان اڄ ٻيهر نوشهروفيروز پهتو آهيان گزيل رائونڊ دوران ڪيل فيصلن تي عملدرآمد جو جائزو ورتو ويندو ۽ ڪنهن جي آفيسر پاران ڪوهاتي جي صورت ۾ سنڌس کاتن جي بالا اختيارين ۽ ڪورٽ سگهوري ۾ ان خلاف رپورٽ ڏني ويندي. ان چيو ته ان لاءِ سڀني لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي پوري محنت ۽ ايمانداري سان ڪم ڪرڻ گهرجي، ان چيو ته ضلعي جي ڪافي هنڌن تان بارش ۽ سيلاب جي پاڻي جي نيڪالي ٿي چڪي آهي مگر اڃاڻ تائين ڪجھ جڳهن تي پاڻي موجود آهي. ان لاءِ اسان کي سو سيڪڙو پاڻي کي نيڪال ڪرڻ آهي اجلاس کان پوءِ ڊائريڪٽر آپريشن پي ڊي ايم اي ضلعي جي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو ۽ صورتحال جو جائزو پڻ ورتو

بقايا سنڌيار 06

سبب پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي وئي آهي نياڻي جا هٿ ۽ جسم ۾ زخم ناسور بڻجي ويا آهن غريب آهيان منهنجي نياڻي جو علاج ڪرائي ڏنو وڃي متاثر نينگري جو پيءُ خير محمد لاشاري تفصيل موجب پيري ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو آزار وڌي ويو آهي علائقي ۾ 50 کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽرن ڪلينڪون قائم ڪري ڇڏيون آهن هليٿ ڊپارٽمينٽ مليرجو ڪامورو رمضان ڪلينڪن کان منٿليون وٺي اجازت ڏئي ڇڏي آهي . ملير پيري نيوالله بخش حمائتي ڳوٺ جي رهواسي خير محمد لاشاري جي 7 ورهين جي معصوم نياڻي شاهينا عطائي ڊاڪٽر جي غلط علاج ڪرڻ سبب پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي وئي آهي نياڻي جا هٿ ۽ جسم ۾ زخم ناسور بڻجي ويا آهن ان سلسلي ۾ متاثر نياڻي شاهينا لاشاري جي پيءُ خير محمد لاشاري صحافين کي ڏانهين ٻڌايو ته مان غريب آهيان چانورن جي گودام تي همالي ڪندو آهي ڏهاڙي تي مزدوري ڪندو آهي نياڻي جو علاج ڪرائڻ لاءِ گهر جوالہ تلہ وڪڻي علاج ۾ لڳائي ڇڏيو ، هاڻي اسان بکون ڪٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون بيماري سبب معصوم نياڻي تڙپي رهي آهي نينگري جو شاهنواز ڳوٺ ۾ قائم ڪلينڪ تي ڊاڪٽر بخار ۾ ڊرپ لڳائي جنهن بعد الخدمت موڪليو الخدمت اسپتال جي ڊاڪٽرن جناح اسپتال موڪليو جتي 26 ڏينهن تائين رهياسين پر مالڪي نه ٿي هنن وڏي وزير سنڌ مراد علي شاه ، صحت کاتي ،سنڌ هليٿ ڪيئر ڪميشن ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي ۽ وس وارن کان نينگري شاهينا جو علاج ڪرائڻ ڏيڻ ۽ مالي مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا سنڌيار 07

سنڌس گهر اچي ماءُ پيءُ سان ڏک ونڊيو ته ان وقت سنڌس ساهه جو سگهو ٽٽي پيو جنهن ڪانپوءِ گهر ۾ اڳ ٿي سوڳ ۾ ورتل نينگر زيشان ميمڻ جي گهر پاتين ۽ ٻين روئڻ شروع ڪيو ته سڄي پاڙي ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿي ويا، ان وقت انتهائي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا، ان موقعي تي ڪدڙا فقيرن جي چيف گرو "سپنا" فقير پريس ڪلب دڙو جي ٽيم کي ٻڌايو ته نينگر زيشان ميمڻ جي صدمي ۾ فوت ٿيل 50 سالن جي سميع الرحمان عرف گوگي فقير ڪيس مائيٽن کان به وڌيڪ پيار ڪندو هو، جيئن ئي نينگر جي فوت ٿيڻ جي خبر ڪيس ملي ته گوگي فقير هڪ زند لاش بنجي ويو ۽ اڄ جيئن ئي نينگر زيشان جي گهر پهتو ته هو صدمي ۾ سنڌس جدائي جو سور برداشت نه ڪندي دل جو دوُرو پوڻ سبب فوت ٿي ويو. هن وڌيڪ ٻڌايو فوتي ڪدڙي فقير جي تدفين سنڌس اباڻي ڳوٺ ابراهيم حيدري ڪراچي ۾ ڪئي ويندي، جڏهن ته نينگر جي وارثن عبدالڪريم ميمڻ، عبدالشڪور ميمڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته فوت ٿيل گوگي فقير جو نينگر ۾ ساهه پيل هو. ڪدڙي فقير مرڻ کان اڳ نينگر جي ثواب لاءِ پنهنجي خرچ سان برياني جي ديگ ٺهرائي تقسيم ڪئي هئي. دڙو شهر جي وارڊ ڪي 4 ۾ رهندڙ ڪدڙي فقير سميع رحمان عرف (گوگي) هڪ ڏينهن اڳ نئون روڊ تي هائي روف ڪيري ايڪسيڊنٽ واقعي ۾ فوت ٿيل 10 سالن جي نينگر زيشان پٽ محبوب ميمڻ سان محبت ڪرڻ واري لازوال جي صدمي ۾ فوت ٿي ويو. ڪيس دڙو مان ميرپوربٺوري آئي ڪدڙن فقير جي مين مڙهي ۾ آندو ويندو، جتان فوت ٿيل گوگي فقير کي سنڌس اباڻي شهر ابراهيم حيدري ڪراچي آئي سنڌس تدفين ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ تڏي تي پهتل ڪدڙا فقيرن جي گرو سپنا فقير پريس ڪلب دڙو جي صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته فوت ٿيل گوگي فقير ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل نينگر زيشان ميمڻ سان بي انتها محبت ڪندو هو، حادثي وقت تمام گهڻو روئي اوچگارون ڏنيو ۽ اڄ سنڌس تڏي تي پهتو ته ڪيس دل جو دوُرو پيو ۽ هو لاڏاڻو ڪري ويو. گرو فقير ٻڌايو ته فوتي گوگي فقير کي سياڻي ابراهيم حيدري آئي سنڌس تدفين ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 08

غير قانوني ليباٽريون ڪليل عطائي ڊاڪٽرن جي غلط علاج سبب شهر توڙي ٻهراڙي جا ڪيترائي ماڻهون موذي مرضن ۾ ونجي ويا شهرين جي ڪافي پيرا احتجاجن باوجود صحت کاتي توڙي هيلٿ ڪيئر ڪميشن تحرڪ نه ورتو سيڪڙات عطائي ڊاڪٽرن جي انگ ۾ گهٽتائي بجاءِ واڌارو ٿيڻ لڳو هوڏانهن عطائي ڊاڪٽرن پاران هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ۽ صحت کاتي جي عملدارن کي ماهوار منٿلي ڏيڻ جو انڪشاف ڪري ڇڏيو خبرموجب ٺڪراڻي جاعطائي ڊاڪٽر قانون کان به ڏاڍا ٻڌيل پ ڏينهن ٻهريان هيلٿ ڪيئر ڪميشن سکر جي ٽيم ڊاڪٽر ڪاشف سومرو ڊاڪٽر شبير دايو اڳواڻي ۾ ڇاپا هڻي سيل ڪيل اسپتالن جا بغير اجازت جي تالا توڙي ويهي رهيا صحت کاتو توڙي هيلٿ ڪيئر ڪميشن ٽيم خاموش ٿي ويهي رهي هوڏانهن سيل ٿيل ڪلينڪن جي مالڪ عطائي ڊاڪٽرن طالب آرائين زمان ملڪ سجاد احمد انيل ڪمار ۽ ٻين انڪشاف ڪندي چيو ته هو هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ۽ صحت کاتي سکر جي ٽيم کي ماهوار چاند پاڻي ڏيندا آهن جنهن ڪري هو هر پيري نالي ماتر ڪاروائي ڪري هليا ويندا آهن هوڏانهن صرف ٺڪراڻو سٽي ۾ 30 کان وڌيڪ سيڪڙات عطائي ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون ميڊيڪل اسٽور ۽ ليباٽريون ڪليل آهن جتي اپوجر عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦري ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا هنن جي غلط علاج سبب علائقي جا ڪيترائي ماڻهون موذي مرضن ۾ ونجي ويا آهن شهرين جي ڪافي پيرا احتجاجن باوجود ڪوبہ ڪزتيل نه نڪتو صحت کاتي جي نرمي سبب سيڪڙات عطائي ڊاڪٽرن جي انگ ۾ گهٽتائي بجا ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيڻ لڳو

بقايا سنڌيار 09

جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري بکتر بند گاڏين سان ڳوٺ پيارو سبزوئي ۽ ارصلاع سبزوئي ۾ اي پي سي چٽن ساڻ ڪري پوليس جي وڏي ائالن جو سبزوئي ۽ جاگيراڻي گينگ خلاف هڪ وڏو سرچ آپريشن ڪيو ويو آهي پوليس آپريشن دوران پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ ڊويدو فائرنگ جو سلسلو ٻه ڪلاڪ جاري رهيو اطلاع آهن ته ڌوهارين پاران پوليس جي گاڏين مٿان راڪيٽ لانچرن جا گولا به فائر ڪيا ويا آهن پر ڪنهن به جاني نقصان جو اطلاع ناهي مليو آپريشن پنج ڏينهن اڳ غوثپور پرسان مٿن انڊس هاءِ وي تان مڇي پنيو واري علائقي مان مبينه اغوا ٿيل روهڙي واسي مزدا ڪلينر پير بخش شيخ جي بازيابي لاءِ ڪيو ويو پوليس ذريعن ٻڌايو ته ڌوهاري گهر خالي ڪري هيٺ ڪچي طرف لهي ويا ۽ اتان پوليس مٿان فائرنگ ڪري رهيا آهن ڪشمور پوليس دعوا ڪئي آهي ته سبزوئي برادري جي شڪي جوابدارن ارصلاح پيارو ۽ نثار سبزوئي جي ڳاڪن کي ڍاهي پٽ ڪيو آهي جڏهين ته اهي به اطلاع آهن ته ڌوهارين جي طرفان راڪيٽ لانچر لڳڻ سبب اي پي سي چٽن کي به نقصان رسيو آهي ٻئي طرف لاڳيتو هلندڙ فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو ۽ علائقو جنگ جو ميدان بڻيل رهيو

بقايا سنڌيار 10

. ڊاڪٽر علي نواز گبول جن مريضن کي تپاسيو ۽ پڻ مفت دوائون ڏنيون ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن جي چيئرمين وائس چيئرمين صدر اولڊ پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هتي غريب مسڪين ماڻهون رهن ٿا جيڪي بيروزگاري غربت ڪري پنهنجو علاج صحيح نموني نٿا ڪرائي سگهن اسان جي هن ڪيمپ ۾ خارش بخار خون جي ڪمي هيپاٽائيٽس بي. سي سميت ڪنگھ نزلي زڪام ۽ جنرل ڪمزوري سميت سوين مريضن کي مفت دوائون فراهم ڪيون ويون آهن ڊاڪٽرن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته خراب پاڻي جي واپرائڻ سبب اڪثر ٻارن توڙي وڏن کي پيٽ جي ڪيڙن جي شڪايت پڻ آهي ان موقعي تي بهار فائونڊيشن جي چيئرمين محمد سجل وڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ٻن سالن کان هر مهيني جي پهرين آچر تي هتي ايلوپيٿي ڪيمپ لڳائيندا آهيون هي پهريون دفعو هوميو پيٿڪ ڊاڪٽرن سان گڏجي ڪيمپ لڳائي آهي ته جيڪي غريب ماڻهو ايلوپيٿي دوائن جي استعمال سان خوش نٿا ٿين ته انهن جو هوميو پيٿي علاج ڪرايون ته جيئن هو معاشري جا فائديمند فرد ٿين ، ان موقعي تي ڊاڪٽر عمران صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايچ ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪراچي جي ٿهراين سميت سڄي سنڌ جي علائقن ۾ ڪئمپون لڳايون آهن ۽ لڳائيندا رهندي اسان سنڌ ۾ آيل برسات جي تباهه ڪارين وقت ميڊيڪل ڪيمپ ڪان سواءِ غريب ماڻهن ۾ راشن ۽ ڪپڙن سان گڏ ڪاڌي پيتي جون شيون پڻ ڏنيون آهن

بقايا سنڌيار 11

معصوم ٻار، عورتون، سماجي اڳواڻ پڻ شريڪ ٿي ويا، ريلي کي خطاب ڪندي سنگت جي مرڪزي پريس ترجمان رمضان ميمڻ، سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکي، مزاحمتي شاعر مارو خشڪ، شاخ مڪلي جي سيڪريٽري سنڌو سنڌي، سيد انور شاهه ،فقير اڪرم، جسارت الياس، عزيز پليجي، سجاد ميمڻ، لاڙ عوامي فورم جي حيدر شوري ۽ ٻين ساڄاهه وندن خطاب ڪندي چيو ته دنيا ۾ هن وقت 48 ملين سنڌي رهن ٿا، انگريزن جي دور حڪومت 1843 ۾ به سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل هو پر هن وقت اسيمبلي پاران قرارداد پاس ڪرڻ ڪانپوءِ به سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ناهي ڏنو ويو جنهن سان احساس محرومي وڌي آهي، هنن چيو ته خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان مائيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي، هنن چيو ته اسان ڪنهن به ٻوليءَ جا مخالف ناهيون اسان چئون ٿا ته سڀني ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيئي شهرن ۾ ڪاروباري جاين تي ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ وارا بورڊ لڳائي سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي سمجهندڙ آفيسر مقرر ڪيا وڃن. ٻئي صورت ۾ سنڌي ادبي سنگت ٻولي مامري تي خاموش نه ويهندي، ان موقعي تي نندڙن ٻارڙن قومي گيت ٻڌائي سنڌي ٻولي سان محبت جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 12

۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي نوحا خواني ڪئي جڏهن ته مجلس عزا کي سنڌ پنجاب جي نالي وارن ذاڪرن علامه طلال حسين رضوي ۽ علامه اياز قمي خطاب ڪندي امام موسيٰ ڪاظم عليه وسلم جي شهادت تي ڪين پيئا ڏيندي چيو ته سنڌ ڌرتي کي علي وارن جي ڌرتي چئجي ته غلط نه ٿيندو هن چيو ته تمام وڏي ڳالهه آهي جو گلاب لغاري جي تاريخي ماڳ اگهمر ڪوٽ ۾ امام موسيٰ ڪاظم عليه جي نياڻي سيده خديجه المعروف بيبي ماهر جي مزار آهي مجلس اعزا ۾ سيد منظر نقوي مختيار حسين سومرو سيد ديدار شاهه حسن علي لغاري لياقت علي خواجا نياز حسين لغاري سميت سموري سنڌ مان عزادرن ۽ زائرين وڏن ڪافلن جي صورت ۾ پهچي عزاداري ڪئي ۽ بي بي ماهر جي مزار تي حاضري پڻ ڏني جڏهن ته سيد ديدار شاهه ۽ سيد منظر نقوي طرفان نياز ۽ سبيل جو بندوبست ڪيو ويو انهي موقعي تي پوليس پاران ايس ايڇ او فياض برڙو جي اڳوائي سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا هئا ٻئي طرف شام جو دير سان چيف ائڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ علي گل سنجراڻي مئنيجر سيد شبيهه الحسن اڳوٽي سيڪريٽري مختيار سومرو ۽ علي گل لغاري سان گڏجي اگهمر ڪوٽ جي مشهور بي بي ماهر ۽ مخدوم محمد اسماعيل سومرو جي مزارن تي چادرون چاڙهي دعائون گهريون ۽ بعد ۾ اتي موجود ۽ زائرين ڳالهائيندي چيو ته اسان جلد از جلد بي بي ماهر جي مزار تي ڪم ڪرائينداسون ۽ عارضي طور تي وڌيڪ ملازم پڻ پرتي ڪنداسون

بقايا سنڌيار 13

سخت نعريبازي ڪندي روڊ مٿان ڌرڻو هنيو جنهن سبب اينڊز ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي مرڪزي رابطه سيڪريٽري اشفاق احمد. ڪراچي ڊويزن جي صدر رحمت الله ٻالادي. سينيئر نائب صدر رجب سيال. شمشاد علي سيلرو علي شير ٻالادي. رضا چانديو ۽ ٻين اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته موجوده حڪمرانن جي نااهلي سبب ملڪ اندر مهانگائي جي طوفان عوام کي سخت پريشاني ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي هر روز مهانگائي جو بار توڙي ڳرا ٽيڪس عوام مٿان مڙهيا پيا وڃن عام واهپي جي شين ۾ رڪارڊ واڌ سبب ماڻهو بک بدحالي جو شڪار آهن غربت لاچاري سبب ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن هنن گهر ڪئي آهي ته مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 14

سيڪريٽر شاخ مير حسن مهر، سوڀل مهر، غلام حسن ڪلهوڙو، فقير سوڀل، سگهڙ حسن هڪڙو، محمد جمن ابڙو، انور مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نڪتي ان موقعي تي ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگر حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي اسيمبليءَ مان قانون سازي ڪرائي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريو وڃي ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي تي سختي ڪئي وڃي جيڪا پرائيويٽ اسڪولن وارا لاغرضائي ڪن ٿا انهن تي ايڪشن کنيو وڃي، هن چيو ته سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کي گهرجي ته هو ڊگهي وارو لوگو بحال ڪن. ان موقعي تي مير حسن مهر چيو ته اسان جي احتجاج کي نظر انداز نه ڪيو وڃي سنڌي ٻولي هڪ شاهوڪار ٻولي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي مان به سنڌي ٻولي جا ڪيترائي بورڊ تختيون مليون. اسين جي تهذيب ۽ تمدن پراڻو آهي ان کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي سنڌي ماڻهن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 15

ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي انڊس اسپتال بدين نيو ٿي ويو ته هو رستي ۾ ئي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته گوناٿن ڳوٺ رستي تي بيهاري روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪيو بدين پوليس موقعي تي پهچي قانوني ڪاروائي جو يقين ڏياري ٽريڪٽر ٽرالي تحويل ۾ وٺي روڊ کولايو جڏهن ته بدين پوليس لاش ضروري قانوني ڪارروائي کان پوءِ وارثن جي حوالي ڪري واقعي ۾ ملوث ڊرائيور جي ڳولا ڪري رهي آهي

بقايا سنڌيار 16

سگهيو زخمي لاوارث پيرسن تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي حڪم تي بي سيڪشن پوليس قانوني ڪاروائي پوري ڪري نادرا کان فنگر پرنٽ ڪرائي لاش ايڌي حوالي ڪيو ايڌي پاران لاش لاوارث ڄاڻائي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري مقامي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو هوڏانهن دادو جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ اسپتال موجود مريضن چيو ته سول اسپتال دادو ۾ سرد خانو هوندي به غير فعال بڻيل آهي جيڪي لاوارث لاش اچن ٿا انهن لاشن کي اسپتال جي ايمرجنسي يا ٻين وارڊ ۾ رکيو وڃي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته ڪنهن لاوارث لاش جي فنگر پرنٽ ذريعي سڃاڻپ ٿئي ٿي لاش سرد خاني ۾ پيل هوندا ته وارثن کي ميت ملي سگهندي آخر ۾ هنن مطالبو ڪيو ته جلد سول اسپتال دادو ۾ سرد خاني سميت ٻين سهولتن جي کوٽ کي بحال ڪيو وڃي ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪا 430 بيڊن واري اسپتال کي دادو جي عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ واري ميگا اسپتال ڪي 12 سال گذري وڃڻ باوجود اڃان تائين سياست جي ور چڙهيل آهي هن اسپتال کي غريب عوام جي علاج معالج ناهي شروع ڪيو ويو هنن مطالبو ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ چيف جسٽس آف پاڪستان کان ته جلد کان جلد ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال کي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ کوليو وڃي ۽ سول اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 17

ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 10 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ طالب کوسو اسلم ڪوسو وقار کوسو ٻي ڌرجا تاج محمد ڪوسو جنگو ڪوسو خالد ڪوسو علي مراد ڪوسو ۽ ٻيا شامل آهن انڊس ڪول پوليس اطلاع تي جهيڙي واري هنڌ پهچي ٻنهي ڌرين کي جدائي زخمين کي ليٽر ڏئي تعلقه اسپتال مانجهند منتقل ڪيو جتي علاج جون سهولتون نه هئڻ سبب ڪين سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو زخمين ۾ ٻن جي حالت انتهائي ڳنڀير ڄاڻائي پئي وڃي انڊس پوليس موجب ٻئي ڌريون پاڻ ۾ سئوٽ آهن جن کي ميڊيڪل ليٽر ڏنا ويا آهن واپس اچڻ تي ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 18

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو اڳ مائٽن سرفراز علي پنهور سان مڱڻو ڪرايو هو ان بعد منهنجا مائٽ وري ڪنهن ٻئي هنڌ شادي ڪرائڻ پئي چاهي جيڪا ڳالهه مونکي پسند ڪا نه هئي هاڻي مون شريعت محمدي مطابق نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پنهنجي رضا خوشي سان سرفراز علي پنهور پرڻو ڪيو آهي ان بعد منهنجا مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن مون کي ۽ منهنجي مڙس کي غلام قادر، شمس الدين، مور، روشن علي، اقبال، ذوالفقار، اختيار علي پنهور مان جان جو خطرو آهي ان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 19

حالت هجڻ ڪري ڪراچي اسپتال روانو ڪيو ويو حد جي پوليس وٽ رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود ڪاهه گرفتاري عمل ۾ اچي ناهي سگهي، ٻنهي ڌرين ۾ ڪشيدگي برقرار آهي. هوڏانهن مڪلي ويجهو ترڪش ڪالوني وٽ معصوم نياڻي سومي سومرو ڌيءَ شڪيل سومرو کي ٽماٽرن سان ڀريل پڪاڻ جي ٽرڪ زوردار ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪرڻ بعد ٽرڪ ڊرائيور فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي ٻاءُ پاس مڪلي تي راهيگيرن پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو زخمي نينگري کي پهريان سول اسپتال مڪلي آندو ويو جتان نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪيس پڻ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 20

پوليس جي ناجائزين خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي وئي. تفصيل موجب. خيرپور ناٿن شاهه جي نيو آباد، شاهه لطيف ڪالوني جي رهواسي گورمنٽ ڊگري ڪاليج جي ڪلارڪ عبدالخالق لغاري، عابد لغاري، سرفراز لغاري ۽ ٻين پاران گورمنٽ ڊگري ڪاليج گيٽ اڳيان پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته ات ڏينهن اڳ اسان جي گهر مان چور هڪ بيٽري، ٽي ٽچ موبائل اي ٽي ايم ڪارڊ ۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا، اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو ۽ شڪ جي بنياد تي چورن کي پوليس هٿان گرفتار به ڪرايو جنهن کي پوليس ڏيتي ليتي ڪري ڇڏي ڏنو ڪلارڪ عبدالخالق لغاري وڌيڪ چيو ته جيڪي چور اسان پوليس هٿان پڪڙايا اهي چور پاڻ کي زخمي ڪري اسان جي خلاف ڪوڙي اين سي داخل ڪرائي آهي جيڪا سراسر ڪوڙي آهي ۽ پوليس هن مهل چوري ٿيل سامان ۽ چور نه پڪڙي سگهي آهي. هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جلد چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ۽ چورن کي پڪڙيو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 21

آفر آرڊر ناهن ملي سگهيا، سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي طرفان اشتهار جاري ڪيو ويو ته 20000 پرائمري، جونئير ۽ هاءِ اسڪول ماستر ڀرتي ڪيا ويندا. ويه هزارن مان صرف 12000 ڀرتي ڪري وري انهن مان ٽي کان چار هزار بوگس يعني ٻين صوبن ضلعن ۽ تعلقن مان ڀرتي ڪري رهيل پوسٽون لڪائي اسان جي حق تلفي ڪئي وئي جڏهن ته اسين عزت مآب عدالتن ۾ پهتل آهيون جتان به اسان جي حق ۾ فيصلا آيل آهن حڪومت پاران عدالتي فيصلن کي به مان نه پيو ڏنو وڃي، اسين ڪي چور ڌاڙيل نه آهيون پر پاڪستان جا پڙهيا لکيا باشعور ۽ پرامن شهري آهيون. هنن پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته اسان کي تعليم کاتي ۾ آفر آرڊر ڏئي بيچيني کي ختم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ مرڻ گهڙي تائين جدوجهد جاري رهندي

بقايا سنڌيار 22

سان قبرستان جي پرسان ويٺل مرحوم شبير مهر جي گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي ورتو. هٿيارٻندن عورتن ۽ ٻارڙن جي سامهون ٽن سڳن ڀائرن توفيق مهر، رفيق مهر ۽ منظور مهر کي گوليون هنيون واقعي بعد هٿيارٻند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، فائرنگ جي آواز تي پاڙيسري پهتا جن پوليس کي اطلاع ڏنو رستم پوليس جي پهچڻ شرط توفيق مهر ۽ رفيق مهر زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٺيءَ حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته منظور مهر کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لکي غلام شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي حالت نازڪ هجڻ ڪري زخميءَ کي سکر جي اسپتال ريفر ڪيو ويو، رابطو ڪرڻ تي رستم پوليس ٻڌايو ته واقعو پراڻي ڪارنهن تڪرار تان پيش آيو آهي ٻنهي ڌرين ۾ ڪارنهن معاملي تان 6 سالن کان ڇڪتاڻ هلندڙ هئي جنهن بعد گذريل رات هي واقعو پيش آيو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته مقتولن جو پيءُ ۽ امڙ هڪ سال اڳ بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويا هئا. ٻن ڀائرن جي قتل ٿيڻ کان پوءِ خاندان جو ويڙهو ويران ٿي ويو آهي، جڏهن ته رستم شهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي، مقتولن جي جنازه نماز رستم شهر جي جامع مسجد ۾ ادا ڪرڻ کان پوءِ رستم شهر جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي، هوڏانهن ايس ايس پي شڪارپور واقعي جو سخت نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي ۽ رستم پوليس کي واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جون سخت هدايتون جاري ڪيون آهن.

بقايا سنڌيار 23

سرڪاري اعزاز سان سنڌس اباڻي قبرستان بچل شاهه ۾ تدفين ڪئي وئي آهي شهيد اهلڪار جي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي شڪارپور، رينجرس جي ڊي ايس آر ٻين آفيسرن،سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،شهيد عبداللطيف پٽو سوڳوارن ۾ امڙ،هڪ پٽ 6 نياڻيون ۽ گهرواري ڇڏيا آهن.ڪي پي او تي دهشتگرد حملي جو شهيد عبداللطيف پٽو پاڪ فوج مان رٽائرمينٽ بعد 2016 ۾ سنڌ پوليس ۾ ڀرتي ٿيو هو جيڪو گذريل ستن سالن کان ڪراچي ۾ پنهنجو فرض انجام ڏئي رهيو هو ياد رهي ته ڪراچي پوليس آفيس تي حملي دوران عبداللطيف پٽو زخمي ٿي پيو هو جنهن گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ دم ڏٺي حوالي ڪيو هو جنهن جي جنازي نماز بعد سنڌس تدفين اباڻي شهر شڪارپور ۾ ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 24

پاران روڊ بلاڪ ڪيو ويو ۽ حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي مسمات منظوره، مسمات ميرزادي، مسمات زينت مسمات ماروي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪيترن ڏينهن کان آفيسن جا چڪر هڻون ٿا، اسان کي پريشان ڪيو وڃي ٿو ٻئي طرف مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي، بيروزگاري سبب ماڻهون خود ڪشي ڪري رهيا آهن. اسان حڪومت کي اپيل ڪريون ٿا ته اسان ۽ اسان جي معصوم ٻارن کي فاڪا ڪشي کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

ڀوڙيو ويو آهي 2013 ۾ اين ٽي ايس جهڙي ساڪائتي اداري مان ماسترين جي ڀرتي لاءِ ٽيسٽ پاس ڪري 60 کان 90 پلس تائين اسڪور حاصل ڪيو آهي ليڪن 9 سال گذرڻ جي باوجود به آفر آرڊر ناهن ملي سگهيا، سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي طرفان اشتهار جاري ڪيو ويو ته 20000 پرائمري، جونئير ۽ هاءِ اسڪول ماستر ڀرتي ڪيا ويندا. ويه هزارن مان صرف 12000 ڀرتي ڪري وري انهن مان ٽي کان چار هزار بوگس يعني ٻين صوبن ضلعن ۽ تعلقن مان ڀرتي ڪري رهيل پوسٽون لڪائي اسان جي حق تلفي ڪئي وئي جڏهن ته اسين عزت مآب عدالتن ۾ پهتل آهيون جتان به اسان جي حق ۾ فيصلا آيل آهن حڪومت پاران عدالتي فيصلن کي به مان نه پيو ڏنو وڃي، جنهن ڪان بعد 14 جون تي سردار شاهه سان مزاڪرات ٿيا نوٽيفڪيشن نڪتا ڪاميٽيون مقرر ڪيون ويون هنن اسان کان ڊاڪيومينٽس به گهرائي ورتا ۽ نوڪريون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو

بقايا سنڌيار 26

جي طرفان ڪچرو کڻندڙ ٽريڪٽر ٽرالين لوڊر رڪشا ۽ هٿ ٽرالين جي مرمت ڪرائي صفائي واري عملي جي حوالي ڪرڻ بدران سموري مشينري کي سڙڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ ميونسپل ڪميٽي جي اڳيان ڪم ڇڏ هڙتال ڪري انتظاميا جي نااهلي جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي ورڪرز يونين جي اڳواڻن سني گجراتي ۽ منو گجراتي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ طرف ميونسپل ڪميٽي بدين ۾ رٽائر مينٽ سبب صفائي وارو عملو گهٽ آهي ۽ نوان ملازم ڀرتي نٿا ڪيا وڃن ته ٻي طرف ڪرپشن جي ڪري اڍائي ڪروڙ ماهوار گرانٽ ۽ آمدني هوندي ڪچرو کڻندڙ ٽريڪٽر ٽرالين لوڊر رڪشا جيڪي خراب ٿيڻ کان پوءِ آفيسرن جي نااهلي جي ڪري سڙي رهيا آهن مرمت ڪرائي صفائي واري عملي حوالي نٿا ڪيا وڃن ته جيئن شهر مان گند ڪچرو انهن تي کنيو وڃي جڏهن ته هٿ ٽرالين ورديون ٻهارا ۽ ٻيو گهربل سامان به نٿو ڏنو وڃي هنن چيو ته مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج جو سلسلو جاري رهندو هوڏانهن ميونسپل سينيٽري انسپيڪٽر غلام مصطفيٰ خاصخلي ٻڌايو ته هن وقت صفائي عملي جو تعداد 70 کان وڌيڪ آهي ڪين ڪم لاءِ چئجي ٿو ته هو بليڪ ميل ڪن ٿا هن چيو ته صفائي وارو عملو شهر جي آبادي جي حوالي سان گهٽ آهي پر نيون ڀرتيون سنڌس وس ۾ ناهن ٻي طرف شهرين شهباز ميمڻ عبدالستار ملاح نور محمد ڀٽي ۽ ٻين چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سيشن جج بدين ۽ ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر جي صفائي ڪرائي بدين ميونسپل ڪميٽي ۾ بدترين ڪرپشن جي عدالتي جاچ ڪرائي اربين روپيا هڙپ ڪندڙن کي واڪو ڪري ڪين سخت سزائون ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 27

احمد،فرحان ڀهنور، ميڊم صبا، ميڊم بلقيس، ميڊم بشرا اطهر علي چانڊيو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي سماجي اڳواڻن اعجاز ممنائي منير ميمڻ ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ غلام عباس سولنگي عرفان رضا فيروز ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اسان چيزوي انٽرنيشنل آرگنائيزيشن جا شڪرگذار آهيون جو اسان جي يوسيءَ جي غريب ماڻهن جي واهر لاءِ ڪيترن ئي مهينن کان ڪم ڪري رهي آهي هن کان اڳ ان آرگنائيزيشن 2300 ماڻهن ۾ 25, 25 هزار روپيه روڪ ڏنا ويا ان کان سواءِ گهر ٺاهڻ ۽ پاڻي فلٽر ڪرڻ واري ڪم جي سروي پڻ ٿي رهي آهي جنهن تي جلد ڪم شروع ڪيو ويندو اڳواڻن چيو ته گذريل برسات ۾ اسان جي يوسي ڪاهي ممن کي هٿ سان ٻوڙائي تباهه ڪيو ويو هن وقت به ڳوٺن ۾ چار فوٽ پاڻي بيٺل آهي جنهن ڪري ڳوٺاڻن جي زندگي مفلوج بڻيل آهي اڳواڻن سنڌ سرڪار سميت انسان دوست تنظيمن کي اپيل ڪئي ته مسڪين مارو ڙن کي مصيبت مان ڪڍڻ لاءِ اڳتي اچن ته جيئن اسانجي يوسي ڪاهي ممن ٻيهر آباد ٿئي ۽ ڳوٺا سک جو ساهه کڻن هن تقريب ۾ نصير احمد پنهور، انور علي سولنگي،اڪرم علي لوهاچ آصف لوهاچ صابر حسين ضامن عباس والنتيئر طور خدمتون سرانجام ڏنيون

بقايا سنڌيار 28

صدر خالد عزيز جتوئي سان ملاقات ڪري اهڙي عمل خلاف سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي سينئر صحافي ۽ روزاني سنڌيار ڪراچي جي رپورٽر باغي ساگر پنهوار. گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي اڳوٽي صدر فاروق بنگوار - نوجوان صحافي جمشيد زهراڻي ۽ ٻيا نيشنل پريس ڪلب گهارو پهچي معلومات وٺڻ بعد نيشنل پريس ڪلب تي احتجاج ريڪارڊ ڪرائيندي چيو ته سنڌ اندر صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ،خلاف موتمار ڌمڪيون ملڻ سان گڏ صحافين کي قتل ڪرڻ وارا واقعا ڏينهون ڏينهن عام ٿيندا پيا وڃن پر سنڌ حڪومت توڙي سنڌ پوليس انهن وڏيرن ۽ منشيات فروشن سان ملي ڀڳت ڪري منٿلي پتا وٺي حق سچ لکندڙن صحافين کي هميشا ٽارگيٽ تي رکي هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي وڌيڪ صحافين چيو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت منشيات فروشن ۽ اسملنگ ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري گرفتار نه ڪيو ويو ۽ صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس ختم نه ڪيا ويا ته ڪراچي پريس ڪلب آڏو پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 29

هرهنڌ محبتون ۽ ڪيل گلن جي ورکا سان استقبال منهنجي ارادن کي اڃا وڌيڪ مضبوط بڻائي ڇڏيو آهي منهنجو اباڻو شهر مورو اديبن شاعرن ۽ فنڪارن جو شهر آهي جن پنهنجي هر پليٽ فارم تي پاڻ مڃرايو آهي، منهنجي خواهش آهي ته هن شهر جا سماجي خدمت ڪندڙ ماڻهون مونسان گڏجي صنم ماروي ويلفيئر ٽرسٽ ۾ حصو بڻجن ته جيئن اسان پنهنجي غريب فنڪارن جي سهائتا ڪري انهن جي گهرن ۾ ويٺل نياڻين جي ڏاج ڏئي رخسط ڪري نيڪي ۽ ڀلائي واري ڪم ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. انشاءَالله انسانيت جي خدمت جو جذبو رکندڙ ڀائرن جي تعاون ۽ سهڪار سان مان صنم ماروي ويلفيئر ٽرسٽ کي پوري دنيا ۾ متعارف ڪرائي پنهنجي انسانيت جي خدمت واري جذبي کي وڌيڪ منتظم متحرڪ ۽ مضبوط ڪنديس. ان موقعي تي وڏيرو علي اصغر سولنگي، ٻتنگ ٽيوٽو، سذير ميراڻي، سيد حسن شاهه صوفياڻي، نائب صدر رياض حسين عالماڻي، جنرل سيڪريٽري مورو پريس ڪلب عزيز ڪورائي، جوائنٽ سيڪريٽري وحيد رزاق مستوئي، جاني مورائي، جاني جمالي، محمد بخش عالماڻي، اياز سولنگي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 30

شيخ ديدار شاهه امير منڊرو محمد بخش ورڙ رضا آڪاش خانائي سليمان سومرو محمد حنيف سومرو پريس ڪلب ڪيڻ جي صدر ظفر حسين خواجا ۽ ٻين شرڪت ڪئي ادبي ڪانفرنس کي صدارتي خطاب ڪندي تاج جويو چيو ته سومرا دور جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي چو ته سمن ميرن ڪلهوڙن جي تاريخ تي ڪم ٿيو پر سومرن جي تاريخ تي انهي ڪري ڪم نه ٿيو ته انهي وقت تاريخدان مسلمان عربن جي اثر هيٺ هئا جديد دور جي تقاضائن موجب سومرا دور تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي جئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ سيد نواز شاهه ڀاڏائي خطاب ڪندي چيو ته دودي جي حڪمراني ۾ خطرا هئا سنڌ جي حاڪمن انهي وقت پنهنجي سرحدن جي حفاظت ڪندي شهادت ماڻي پر هن وقت سنڌ جا حڪمران سڀ ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار آهن درياهه ساحلي پٽي جون زمينون سڀ ڪجھ کپائي ڏيڻ لاءِ تيار آهن محض اقتدار خاطر هن چيو ته ڊجيٽل آدمشماري ۾ سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويندو سنڌو درياهه جو رخ تبديل ڪيو پيو وڃي ادبي ڪانفرنس کي آڪاش انصاري ابوبڪر شيخ چيو ته شهيد دودو سومرو هر دور جو سورمو آهي شهيد دودو سومرو سنڌ جي عزت غيرت ڪردار جو نالو آهي سنڌ جو غيرت مند ماڻهو پنهنجي اولاد تي دودو نالو رکندي فخر محسوس ڪري ٿو آخر ۾ سنڌ جي قومي راڳي وقار ملاح قومي گيت پيش ڪيا ڪانفرنس ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 31

صدر بار ڪائونسل رئيس عبدالرحيم عباسي مشتاق حسين ٻڙدي عمرالدين پنهور راڻا عبدالجبار شير محمد اڄڻ جي اڳوٽي ۾ ڪڍي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ بارڪائونسل جي ميمبر عبداستار لهراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايسي شهدادپور ۽ بدمست پوليس جيڪو اسان جي وڪيل پاءِ ته تشدد ڪيو آ ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيو ٿا اسان سپريم ڪورٽ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فورن انهن ايسي شهدادپور ۽ ايس ايڇ او خلاف ايفآر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ورن اسان احتجاج دائرو وڌائيندا ۽ اسان ضلع سانگهڙ ۽ شهدادپور جي وڪيلن کي ايل ٿا ڪريون ته جيئن اهي آفيسر ڪورٽ ۾ اچن ته پنهنجي وڪيل جو پلاند ڪيو پوءِ ڏسنداسون ان موقعي تي صدر بار ڪائونسل اياز حسين مري چيو ته ته هي جيڪا ڪريل حرڪت ايسي ۽ پوليس ڪئي آن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن دهشد گردن خلاف قدم کڻي ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي مشتاق حسين ٻڙدي چيو ته فورن انهن بد مستن پوليس وارن ۽ ايسي شهدادپور خلاف قدم کنيو وڃي ورنه اسان به چوڙيون نه آهن پاتيو اسان به انهن کي روڊن تي گهليندا سون جيڪو ڪجھ ٿيو ان جا ذميوار اهي پاڻ هوندا شير محمد اڄڻ چيو شهدادپور جي وڪيل شيراز لاکو تي ٿيل تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري وڪيلن مان بيچيني دور ڪئي وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين رئيس عبدالرحيم عباسي چيو ته هي ڪٿان جو قانون آجو هڪ وڪيل تي تشدد ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آ اتان جي پوليس ۽ ايسي انسانيت جا سب ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن انهن خلاف قدم کنيو وڃي فورن ان بد مست ايس ايڇ او ۽ ايسي کي سسپنڊ ڪري انهن تي ايف آءِ آر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 32

سنڌس گهر اچي ماءُ پيءُ سان ڏک ونڊيو ته ان وقت سنڌس ساهه جو سگهو ٽٽي پيو جنهن ڪانپوءِ گهر ۾ اڳ ٿي سوڳ ۾ ورتل نينگر زيشان ميمڻ جي گهر پاتين ۽ ٻين روئڻ شروع ڪيو ته سڄي پاڙي ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿي ويا، ان وقت انتهائي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا، ان موقعي تي ڪدڙا فقيرن جي چيف گرو "سپنا" فقير پريس ڪلب دڙو جي ٽيم کي ٻڌايو ته نينگر زيشان ميمڻ جي صدمي ۾ فوت ٿيل 50 سالن جي سميع الرحمان عرف گوگي فقير ڪيس مائيٽن کان به وڌيڪ پيار ڪندو هو، جيئن ئي نينگر جي فوت ٿيڻ جي خبر ڪيس ملي ته گوگي فقير هڪ زند لاش بنجي ويو ۽ اڄ جيئن ئي نينگر زيشان جي گهر پهتو ته هو صدمي ۾ سنڌس جدائي جو سور برداشت نه ڪندي دل جو دوُرو پوڻ سبب فوت ٿي ويو. هن وڌيڪ ٻڌايو فوتي ڪدڙي فقير جي تدفين سنڌس اباڻي ڳوٺ ابراهيم حيدري ڪراچي ۾ ڪئي ويندي، جڏهن ته نينگر جي وارثن عبدالڪريم ميمڻ، عبدالشڪور ميمڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته فوت ٿيل گوگي فقير جو نينگر ۾ ساهه پيل هو. ڪدڙي فقير مرڻ کان اڳ نينگر جي ثواب لاءِ پنهنجي خرچ سان برياني جي ديگ ٺهرائي تقسيم ڪئي هئي. دڙو شهر جي وارڊ ڪي 4 ۾ رهندڙ ڪدڙي فقير سميع رحمان عرف (گوگي) هڪ ڏينهن اڳ نئون روڊ تي هائي روف ڪيري ايڪسيڊنٽ واقعي ۾ فوت ٿيل 10 سالن جي نينگر زيشان پٽ محبوب ميمڻ سان محبت ڪرڻ واري لازوال جي صدمي ۾ فوت ٿي ويو. ڪيس دڙو مان ميرپوربٺوري آئي ڪدڙن فقير جي مين مڙهي ۾ آندو ويندو، جتان فوت ٿيل گوگي فقير کي سنڌس اباڻي شهر ابراهيم حيدري ڪراچي آئي سنڌس تدفين ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ تڏي تي پهتل ڪدڙا فقيرن جي گرو سپنا فقير پريس ڪلب دڙو جي صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته فوت ٿيل گوگي فقير ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل نينگر زيشان ميمڻ سان بي انتها محبت ڪندو هو، حادثي وقت تمام گهڻو روئي اوچگارون ڏنيو ۽ اڄ سنڌس تڏي تي پهتو ته ڪيس دل جو دوُرو پيو ۽ هو لاڏاڻو ڪري ويو. گرو فقير ٻڌايو ته فوتي گوگي فقير کي سياڻي ابراهيم حيدري آئي سنڌس تدفين ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 33

سنڌس گهر اچي ماءُ پيءُ سان ڏک ونڊيو ته ان وقت سنڌس ساهه جو سگهو ٽٽي پيو جنهن ڪانپوءِ گهر ۾ اڳ ٿي سوڳ ۾ ورتل نينگر زيشان ميمڻ جي گهر پاتين ۽ ٻين روئڻ شروع ڪيو ته سڄي پاڙي ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿي ويا، ان وقت انتهائي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا، ان موقعي تي ڪدڙا فقيرن جي چيف گرو "سپنا" فقير پريس ڪلب دڙو جي ٽيم کي ٻڌايو ته نينگر زيشان ميمڻ جي صدمي ۾ فوت ٿيل 50 سالن جي سميع الرحمان عرف گوگي فقير ڪيس مائيٽن کان به وڌيڪ پيار ڪندو هو، جيئن ئي نينگر جي فوت ٿيڻ جي خبر ڪيس ملي ته گوگي فقير هڪ زند لاش بنجي ويو ۽ اڄ جيئن ئي نينگر زيشان جي گهر پهتو ته هو صدمي ۾ سنڌس جدائي جو سور برداشت نه ڪندي دل جو دوُرو پوڻ سبب فوت ٿي ويو. هن وڌيڪ ٻڌايو فوتي ڪدڙي فقير جي تدفين سنڌس اباڻي ڳوٺ ابراهيم حيدري ڪراچي ۾ ڪئي ويندي، جڏهن ته نينگر جي وارثن عبدالڪريم ميمڻ، عبدالشڪور ميمڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته فوت ٿيل گوگي فقير جو نينگر ۾ ساهه پيل هو. ڪدڙي فقير مرڻ کان اڳ نينگر جي ثواب لاءِ پنهنجي خرچ سان برياني جي ديگ ٺهرائي تقسيم ڪئي هئي. دڙو شهر جي وارڊ ڪي 4 ۾ رهندڙ ڪدڙي فقير سميع رحمان عرف (گوگي) هڪ ڏينهن اڳ نئون روڊ تي هائي روف ڪيري ايڪسيڊنٽ واقعي ۾ فوت ٿيل 10 سالن جي نينگر زيشان پٽ محبوب ميمڻ سان محبت ڪرڻ واري لازوال جي صدمي ۾ فوت ٿي ويو. ڪيس دڙو مان ميرپوربٺوري آئي ڪدڙن فقير جي مين مڙهي ۾ آندو ويندو، جتان فوت ٿيل گوگي فقير کي سنڌس اباڻي شهر ابراهيم حيدري ڪراچي آئي سنڌس تدفين ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ تڏي تي پهتل ڪدڙا فقيرن جي گرو سپنا فقير پريس ڪلب دڙو جي صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته فوت ٿيل گوگي فقير ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل نينگر زيشان ميمڻ سان بي انتها محبت ڪندو هو، حادثي وقت تمام گهڻو روئي اوچگارون ڏنيو ۽ اڄ سنڌس تڏي تي پهتو ته ڪيس دل جو دوُرو پيو ۽ هو لاڏاڻو ڪري ويو. گرو فقير ٻڌايو ته فوتي گوگي فقير کي سياڻي ابراهيم حيدري آئي سنڌس تدفين ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 34

سگهيو زخمي لاوارث پيرسن تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي حڪم تي بي سيڪشن پوليس قانوني ڪاروائي پوري ڪري نادرا کان فنگر پرنٽ ڪرائي لاش ايڌي حوالي ڪيو ايڌي پاران لاش لاوارث ڄاڻائي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري مقامي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو هوڏانهن دادو جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ اسپتال موجود مريضن چيو ته سول اسپتال دادو ۾ سرد خانو هوندي به غير فعال بڻيل آهي جيڪي لاوارث لاش اچن ٿا انهن لاشن کي اسپتال جي ايمرجنسي يا ٻين وارڊ ۾ رکيو وڃي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته ڪنهن لاوارث لاش جي فنگر پرنٽ ذريعي سڃاڻپ ٿئي ٿي لاش سرد خاني ۾ پيل هوندا ته وارثن کي ميت ملي سگهندي آخر ۾ هنن مطالبو ڪيو ته جلد سول اسپتال دادو ۾ سرد خاني سميت ٻين سهولتن جي کوٽ کي بحال ڪيو وڃي ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪا 430 بيڊن واري اسپتال کي دادو جي عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ واري ميگا اسپتال ڪي 12 سال گذري وڃڻ باوجود اڃان تائين سياست جي ور چڙهيل آهي هن اسپتال کي غريب عوام جي علاج معالج ناهي شروع ڪيو ويو هنن مطالبو ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ چيف جسٽس آف پاڪستان کان ته جلد کان جلد ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال کي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ کوليو وڃي ۽ سول اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 35

سگهيو زخمي لاوارث پيرسن تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي حڪم تي بي سيڪشن پوليس قانوني ڪاروائي پوري ڪري نادرا کان فنگر پرنٽ ڪرائي لاش ايڌي حوالي ڪيو ايڌي پاران لاش لاوارث ڄاڻائي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري مقامي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو هوڏانهن دادو جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ اسپتال موجود مريضن چيو ته سول اسپتال دادو ۾ سرد خانو هوندي به غير فعال بڻيل آهي جيڪي لاوارث لاش اچن ٿا انهن لاشن کي اسپتال جي ايمرجنسي يا ٻين وارڊ ۾ رکيو وڃي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته ڪنهن لاوارث لاش جي فنگر پرنٽ ذريعي سڃاڻپ ٿئي ٿي لاش سرد خاني ۾ پيل هوندا ته وارثن کي ميت ملي سگهندي آخر ۾ هنن مطالبو ڪيو ته جلد سول اسپتال دادو ۾ سرد خاني سميت ٻين سهولتن جي کوٽ کي بحال ڪيو وڃي ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال جيڪا 430 بيڊن واري اسپتال کي دادو جي عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ واري ميگا اسپتال ڪي 12 سال گذري وڃڻ باوجود اڃان تائين سياست جي ور چڙهيل آهي هن اسپتال کي غريب عوام جي علاج معالج ناهي شروع ڪيو ويو هنن مطالبو ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ چيف جسٽس آف پاڪستان کان ته جلد کان جلد ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال کي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ کوليو وڃي ۽ سول اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 36

صدر بار ڪائونسل رئيس عبدالرحيم عباسي مشتاق حسين ٻڙدي عمرالدين پنهور راڻا عبدالجبار شير محمد اڄڻ جي اڳوٽي ۾ ڪڍي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ بارڪائونسل جي ميمبر عبداستار لهراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايسي شهدادپور ۽ بدمست پوليس جيڪو اسان جي وڪيل پاءِ ته تشدد ڪيو آ ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيو ٿا اسان سپريم ڪورٽ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فورن انهن ايسي شهدادپور ۽ ايس ايڇ او خلاف ايفآر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ورن اسان احتجاج دائرو وڌائيندا ۽ اسان ضلع سانگهڙ ۽ شهدادپور جي وڪيلن کي ايل ٿا ڪريون ته جيئن اهي آفيسر ڪورٽ ۾ اچن ته پنهنجي وڪيل جو پلاند ڪيو پوءِ ڏسنداسون ان موقعي تي صدر بار ڪائونسل اياز حسين مري چيو ته ته هي جيڪا ڪريل حرڪت ايسي ۽ پوليس ڪئي آن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن دهشد گردن خلاف قدم کڻي ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي مشتاق حسين ٻڙدي چيو ته فورن انهن بد مستن پوليس وارن ۽ ايسي شهدادپور خلاف قدم کنيو وڃي ورنه اسان به چوڙيون نه آهن پاتيو اسان به انهن کي روڊن تي گهليندا سون جيڪو ڪجھ ٿيو ان جا ذميوار اهي پاڻ هوندا شير محمد اڄڻ چيو شهدادپور جي وڪيل شيراز لاکو تي ٿيل تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري وڪيلن مان بيچيني دور ڪئي وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين رئيس عبدالرحيم عباسي چيو ته هي ڪٿان جو قانون آجو هڪ وڪيل تي تشدد ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آ اتان جي پوليس ۽ ايسي انسانيت جا سب ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن انهن خلاف قدم کنيو وڃي فورن ان بد مست ايس ايڇ او ۽ ايسي کي سسپنڊ ڪري انهن تي ايف آءِ آر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 37

صدر بار ڪائونسل رئيس عبدالرحيم عباسي مشتاق حسين ٻڙدي عمرالدين پنهور راڻا عبدالجبار شير محمد اڄڻ جي اڳوٽي ۾ ڪڍي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ بارڪائونسل جي ميمبر عبداستار لهراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايسي شهدادپور ۽ بدمست پوليس جيڪو اسان جي وڪيل پاءِ ته تشدد ڪيو آ ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيو ٿا اسان سپريم ڪورٽ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فورن انهن ايسي شهدادپور ۽ ايس ايڇ او خلاف ايفآر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ورن اسان احتجاج دائرو وڌائيندا ۽ اسان ضلع سانگهڙ ۽ شهدادپور جي وڪيلن کي ايل ٿا ڪريون ته جيئن اهي آفيسر ڪورٽ ۾ اچن ته پنهنجي وڪيل جو پلاند ڪيو پوءِ ڏسنداسون ان موقعي تي صدر بار ڪائونسل اياز حسين مري چيو ته ته هي جيڪا ڪريل حرڪت ايسي ۽ پوليس ڪئي آن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن دهشد گردن خلاف قدم کڻي ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي مشتاق حسين ٻڙدي چيو ته فورن انهن بد مستن پوليس وارن ۽ ايسي شهدادپور خلاف قدم کنيو وڃي ورنه اسان به چوڙيون نه آهن پاتيو اسان به انهن کي روڊن تي گهليندا سون جيڪو ڪجھ ٿيو ان جا ذميوار اهي پاڻ هوندا شير محمد اڄڻ چيو شهدادپور جي وڪيل شيراز لاکو تي ٿيل تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا فورن انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري وڪيلن مان بيچيني دور ڪئي وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين رئيس عبدالرحيم عباسي چيو ته هي ڪٿان جو قانون آجو هڪ وڪيل تي تشدد ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آ اتان جي پوليس ۽ ايسي انسانيت جا سب ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن انهن خلاف قدم کنيو وڃي فورن ان بد مست ايس ايڇ او ۽ ايسي کي سسپنڊ ڪري انهن تي ايف آءِ آر داخل ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ور نه سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 38

سبب پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي وئي آهي نياڻي جا هٿ ۽ جسم ۾ زخم ناسور بڻجي ويا آهن غريب آهيان منهنجي نياڻي جو علاج ڪرائي ڏنو وڃي متاثر نينگري جو پيءُ خير محمد لاشاري تفصيل موجب پيري ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو آزار وڌي ويو آهي علائقي ۾ 50 کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽرن ڪلينڪون قائم ڪري ڇڏيون آهن هليٿ ڊپارٽمينٽ مليرجو ڪامورو رمضان ڪلينڪن کان منٿليون وٺي اجازت ڏئي ڇڏي آهي . ملير پيري نيوالله بخش حمائتي ڳوٺ جي رهواسي خير محمد لاشاري جي 7 ورهين جي معصوم نياڻي شاهينا عطائي ڊاڪٽر جي غلط علاج ڪرڻ سبب پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي وئي آهي نياڻي جا هٿ ۽ جسم ۾ زخم ناسور بڻجي ويا آهن ان سلسلي ۾ متاثر نياڻي شاهينا لاشاري جي پيءُ خير محمد لاشاري صحافين کي ڏانهين ٻڌايو ته مان غريب آهيان چانورن جي گودام تي همالي ڪندو آهي ڏهاڙي تي مزدوري ڪندو آهي نياڻي جو علاج ڪرائڻ لاءِ گهر جوالہ تلہ وڪڻي علاج ۾ لڳائي ڇڏيو ، هاڻي اسان بکون ڪٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون بيماري سبب معصوم نياڻي تڙپي رهي آهي نينگري جو شاهنواز ڳوٺ ۾ قائم ڪلينڪ تي ڊاڪٽر بخار ۾ ڊرپ لڳائي جنهن بعد الخدمت موڪليو الخدمت اسپتال جي ڊاڪٽرن جناح اسپتال موڪليو جتي 26 ڏينهن تائين رهياسين پر مالڪي نه ٿي هنن وڏي وزير سنڌ مراد علي شاه ، صحت کاتي ،سنڌ هليٿ ڪيئر ڪميشن ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي ۽ وس وارن کان نينگري شاهينا جو علاج ڪرائڻ ڏيڻ ۽ مالي مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا سنڌيار 39

۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي نوحا خواني ڪئي جڏهن ته مجلس عزا کي سنڌ پنجاب جي نالي وارن ذاڪرن علامه طلال حسين رضوي ۽ علامه اياز قمي خطاب ڪندي امام موسيٰ ڪاظم عليه وسلم جي شهادت تي ڪين پيئا ڏيندي چيو ته سنڌ ڌرتي کي علي وارن جي ڌرتي چئجي ته غلط نه ٿيندو هن چيو ته تمام وڏي ڳالهه آهي جو گلاب لغاري جي تاريخي ماڳ اگهمر ڪوٽ ۾ امام موسيٰ ڪاظم عليه جي نياڻي سيده خديجه المعروف بيبي ماهر جي مزار آهي مجلس اعزا ۾ سيد منظر نقوي مختيار حسين سومرو سيد ديدار شاهه حسن علي لغاري لياقت علي خواجا نياز حسين لغاري سميت سموري سنڌ مان عزادرن ۽ زائرين وڏن ڪافلن جي صورت ۾ پهچي عزاداري ڪئي ۽ بي بي ماهر جي مزار تي حاضري پڻ ڏني جڏهن ته سيد ديدار شاهه ۽ سيد منظر نقوي طرفان نياز ۽ سبيل جو بندوبست ڪيو ويو انهي موقعي تي پوليس پاران ايس ايڇ او فياض برڙو جي اڳوائي سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا هئا ٻئي طرف شام جو دير سان چيف ائڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ علي گل سنجراڻي مئنيجر سيد شبيهه الحسن اڳوٽي سيڪريٽري مختيار سومرو ۽ علي گل لغاري سان گڏجي اگهمر ڪوٽ جي مشهور بي بي ماهر ۽ مخدوم محمد اسماعيل سومرو جي مزارن تي چادرون چاڙهي دعائون گهريون ۽ بعد ۾ اتي موجود ۽ زائرين ڳالهائيندي چيو ته اسان جلد از جلد بي بي ماهر جي مزار تي ڪم ڪرائينداسون ۽ عارضي طور تي وڌيڪ ملازم پڻ پرتي ڪنداسون